
استاد حيدري چانڊيو
شاهہ جون سُورمُيون

# شاھ جون سُور ميون

[مقالا ۽ مضمون]

مصنف

**استاد حيدري چانڊيو**

**ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ**
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ:**

ڪتاب جو نالو: شاھ جون سُورميون
موضوع: شاھ جي سُورمين بابت مضمون
ليکڪ: استاد حيدري چانڊيو
ڇاپو: پھريون 2017ع
ڳاڻيٽو: 1000
ڪمپوزنگ: شاھجھان سولنگي
ٽائيٽل: عرفان ميمڻ
ڇپائيندڙ: ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد
قيمت: /150

# ارپنا

اڻڳڻيون يادون ڇڏي ويندڙ

**امڙ ٻائي ۽ ڏاڏي ٻچُل**

جي نالي

سندن پيار مُنهنجي لاءِ

نئين سج نئون هوندو هو.

اُنهن جي دُعائن سان

نهايت سُکيو وقت گُذاري رهيو آهيان.

پنڌ ڪندي جو ڏِکو کاڌم،

ڪنهن ڪٽي تي ڇاتي لاتم،

پيار منجهان تي پاڪُر پاتم،

مُنهنجي امڙ......

(پيرومل)

**ــ استاد حيدري چانڊيو**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”شاھ جون سورميون“** اوھان اڳيان پيش آھي. ھي ڪتاب شاھ جي سورمين بابت استاد حيدر چانڊيي جي مقالن ۽ مضمونن جو مجموعو آھي.

پٺ ڏٽيءَ جي حوالي سان ڪتاب ’شاھ جون سُورميون‘ ۾ ليکڪ سُورمين جي ڪردار جي درجي بندي ڪندي، انسان جي روحاني اندرلت جا رنگ پسائي ٿو. انساني حياتي جي رُوپن مان ھڪ رُوپ يا رنگ ڏُک بہ آھي، جيڪو سُکن جي منزل ڏانھن وٺي وڃي ٿو. شاھ سائينءَ جو رسالو ڏُک جي پني ۾ ويڙھيل آھي، جنھن مان زندگيءَ جا انيڪ رنگ پسجن ٿا.

ليکڪ، پنھنجيءَ تحرير ۾ سُورمين جي ڪردارن ڪي پيٽيندي، عورت جي جدوجھد، وفا (Commitment) ڪي عورت جي سرشت جو اھم جُزو ۽ عمل سمجھي ٿو.

ھي ڪتاب **ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون مانواري نواز آريسر جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | پبلشر پاران: | واحد ڪانڌڙو | 07 |
| 2 | مهاڳ: | ڊاڪٽر تهمينہ مفتي | 08 |
| 3 | پنهنجي پاران: | استاد حيدري چانڊيو | 11 |
| 4 | سهڻي ۽ سسئي | | 19 |
| 5 | ليلا ۽ مومل | | 44 |
| 6 | نُوري | | 67 |
| 7 | سُر مارئي | | 75 |
| 8 | سُر سورٺ | | 83 |

## پبلشر پاران:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪري پرچارڪ استاد حيدري چانڊيي جو **”شاهہ جون سُورميون“** ڪتاب توهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

استاد حيدري چانڊيي سُورمين جي ڪردارن کي لطيف جي شاعريءَ جي تشريح ڪندي، اسان آڏو نمايان ڪيو آهي. هن جاڪوڙي انسان، پنهنجي ڏُورانديشي ۽ قومي سوچ سان شاهہ جي سُورمين کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن مان پتو پئي ٿو تہ، اسان جي سياسي توڙي سماجي ڪم ۾، جيڪڏهن عورت شامل ناهي تہ اسين مقصد ماڻي نہ ٿا سگهون ۽ منزل تائين پهچڻ مشڪل ٿيو پوي.

استاد حيدري چانڊيي جي ڪتاب ’شاهہ ۽ سچل جا سنيها‘ جي ڪامياب شاعت ڪانپوءِ هيءُ ٻيو ڪتاب **’شاهہ جون سُورميون‘** ايلسا پبليڪيشن پاران ڇپائيندي آءُ خوشيءَ پيو محسوس ڪريان.

استاد حيدريءَ جي هنن ٻنهي ڪتابن جي تياريءَ ۾ سرمد ميراڻي، علي نواز آريسر ۽ ڀاءُ خادم چانڊيو مون سان گڏ گڏ رهيا. تنهن لاءِ سندن وڏا ورڻ.

**واحد ڪانڌڙو**
قاسم آباد، حيدرآباد
0341_0305706

**تاريخ**
03_01_2017

## مهاڳ

شاعري ادب جو اهم حصو آهي، جنهن جي وسيلي سموري دنيا جي قومن جي ترجيحات کي، نفسيات، سماجي جوڙجڪ، انفراديت ۽ اجتماعيت کي سمجهي سگهجي ٿو. شعر، ٿورن لفظن ۾ اشارن ۾ گهڻيون ڳالهيون ۽ معاملا بيان ڪري ٿو. اسان خوشنصيب آهيون، جو اسان وٽ، شاهہ عبداللطيف جو ڪلام رسالي جي صورت ۾ موجود آهي. سندس ڪلام محققن ۽ ليکڪن جي توجهہ جو مرڪز رهيو آهي ۽ رهندو. **’شاهہ جون سُورميون‘** بہ اهڙي ئي ڪوشش آهي، جنهن ۾ شاهہ جي سُورمين جي واتان بيان ڪيل پيغام کي سمجهايو ويو آهي. هي ڪتاب، جنهن ۾ مضمون ۽ مقالا شامل آهن. تنهن جو مصنف استاد حيدري چانڊيو آهي. هن کان اڳ ۾ لکيل سندس ڪتاب **’شاهہ ۽ سچل جا سنيها‘** بہ سندس، فڪري ۽ اُتساهہ کي ظاهر ڪري ٿو. محبت، اتحاد، رواداري ۽ امن جي پيغام جي امين سنڌ جو ڳُوڙهو اڀياس ٿيل آهي. مُلائيت کي رد ڪندي، هُو سنڌ جي صوفي شاعرن جي فڪر کي، سنڌين جو فڪر مڃي ٿو. سنڌ جي اصلوڪن رهواسين تي تصوف جي اثر جي اهميت کي اُجاگر ڪيو اٿس. پٽ ڌڻيءَ جي حوالي سان سندس ڪتاب ’شاهہ جون سُورميون‘ ۾ بہ ليکڪ سُورمين جي ڪردار جي درجي بندي ڪندي، انسان جي روحاني اندلٺ جا رنگ پسائي ٿو. انساني حياتي جي رُوپن مان هڪ رُوپ يا رنگ ڏُک بہ آهي، جيڪو سُکن جي منزل ڏانهن وٺي وڃي ٿو. شاهہ سائينءَ جو رسالو ڏُک جي پني ۾ ويڙهيل آهي، جنهن مان زندگيءَ جا انيڪ رنگ پسجن ٿا.

ليڪڪ، پنهنجيءَ تحرير ۾ سُورمين جي ڪردارن ڪي پيٽيندي، عورت جي جدوجهد، وفا (Commitment) کي عورت جي سرشت جو اهم جُزو ۽ عمل سمجهي ٿو. سهڻي ۽ سسئي جي ڀيٽ، فڪري طرح سان لڪل ۽ عيان نُڪتن کي سمجهايو اٿائين. اهڙيءَ طرح ٻنهي سُورمين بابت سندس هي خيال تہ شاهہ سائين، سهڻي ۽ سسئي جي مختلف ڪيفيتن ۽ حال جي ڀيٽ ڪئي آهي. سهڻي محبوب جي جُدائيءَ جو سُور سانديو ۽ موت قبول ڪيو ۽ سسئي جُدائيءَ جو ڏک جهلي نہ سگهي ۽ گهڻا سُور سنائين.

ليڪڪ جي تجزئي ۽ تحقيق موجب، شاهہ سائين، سهڻي ۽ سسئيءَ کي ظاهري مشابهت ڏيندي هڪ ئي درجي تي رکيو آهي، پر سالڪ جي حيثيت ۾ ٻئي جُستجو ڪندي، حياتيءَ تان هٿ کڻن ٿيون. تفاوت اهو آهي تہ، سهڻي سُور، صبر سان سهي ٿي، هُوءَ حوصلي واري آهي. اندر جو اندر ۾ ڪڙهندي ڪيس پنهنجي مٿان ضابطو هو. سسئي پنهنجو درد لڪائي نہ سگهي. اُٻهرائپ ڪيائين ۽ اوترو ڏک ڏٺائين. ليلا ۽ مومل جي ڀيٽ ڪندي، پٽ ڏٽيءَ جي تصور، تخيل، نظريي ۽ فلسفي کي رُوحاني هدايت جي مترادف ڄاڻي ٿو. تمثيلي معنيٰ ۽ مقصد کي ليڪڪ ڪردار جي سيرت ۾ تبديليءَ جي صورت کي، انسان ۾ گهري ۽ ڳمڀير جي پيدا ٿيڻ جو سبب ڄاڻائي ٿو.

جيئن:

اَلاَ ڏَاهِي مَ ٿِيَان، ڏَاهِيُون ڏُک ڏِسَن،
مُون سِين مُون پِرين، پورَائِيءَ ۾ پَال گَيا.

يا مومل کان شاهہ سائين چورائي ٿو:

ڏِيَئَا تيل ڦُليلَ جَا، ٻَارِيمَ تائين ٻَانگَ،
وَٽ سَورِيندي وَلَهَا وِئو تيل ٻَري،
مَوٽ مُسَافَر سُپرين! چَانگي تي چَڙهِي،

رَاڻي لاءِ رَڙِي ويئي وِهَامي رَاتِڙِي.

نُوري، سُر مارئي ۽ سورٺ جو اپياس، ڊار ڊار ڪيو ويو آهي. سندن ڪردار هڪ ٻئي کان مختلف آهن. پٽ ڌڻي، نياز نوڙت کي سُونهن جي پيٽ ۾ اوليت ڏني آهي. ليڪڪ: سُر سورٺ ۾ سماع کي اهميت ڏني اٿس. سُر مارئي ۾ شاهہ سائين پنهنجي رُوح جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي. ليڪڪ پنهنجي هن ڪتاب ۾ روايتي ۽ آڳاتي ٿيل تحقيق کي بہ اهميت ڏيندي ۽ ڪن نُڪتن سان اختلاف ڪندي، ڪن نَوَن نُڪتن جو بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ پٽ ڌڻيءَ جي، شخصيت ۽ اُن جي عقيدي ۽ خيال کي ظاهر ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، مثال سَماع جي رُوحاني طاقت، قيد مان آزادي وغيره.

استاد حيدري چانڊيي، جنهن سوچ ويچار سان، هي تحقيقي ڪم ڪيو آهي. اُميد رکجي ٿي تہ هُو آئينده بہ وڌيڪ، علمي، سائنسي، سوچ کي آڏو رکندي، ڪي نوان خيال، نئين انداز سان سنڌي ادب کي ڏيندو.

**ڊاڪٽر تهمينہ مفتي**
سنڌ يونيورسٽي، هائوسنگ سوسائٽي
ڄامشورو۔ سنڌ

**تاريخ**
20 ڊسمبر 2016ع

# پنهنجي پاران

مهراڻ جي ماٿريءَ جو سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف، جيڪو دنيا جي ادبي تاج جو لاثاني گوهر ۽ سُورمين جو شاعر آهي، سندس روايتي شاعريءَ جو ڳچ حصو اُنهن جي نالن سان چيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ کيس عورت جي اُمنگن لاءِ عزت هُئي. هن پنهنجي وسيع النظري، روشن خيالي، باريڪ بيني ۽ انساني سياءَ جي ڳُوڙهي ڄاڻ مان پروڙيو هو، عورت جيڪي همت ۽ بهادريءَ جا اعليٰ عمل ڪري سگهي ٿي، سي مرد جي پهچ کان ٻاهر آهن. عورت جي قرباني بينظير بيمثال ۽ عبرت ناڪ آهي، جيتوڻيڪ هوءَ جسماني طور نفيس ۽ نازڪ نظر اچي ٿي، پر ارادي جي پڪي، پهاڙن کان بہ پُختي ۽ ڪيل قول تي قائم رهي ٿي، هن جي زندگيءَ جي مراد ڏيڻ آهي، نہ ڪہ وٺڻ. شاهہ سائين جيئن عورت ڏٺو تيئن ئي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي تہ: عورت جو پريم، عورت جي سموري هستي آهي، محبت جي ميدان ۾ عورت هڪ ڀيرو قدم وڌايو تہ وري پُٺتي نہ هٽندي، دنيا جي اڪيچار آزمودن مان شاهہ سائينءَ معلوم ڪيو تہ، عورت جي دلي اٿاهہ ساگر ۾، جيڪي اُمنگ اُڇلون ماريندا رهن ٿا، تن جو تذڪرو سندس شاعريءَ لاءِ تمام افضل ٿيندو، اهو ئي سبب آهي، جو شاهہ سائين پنهنجن نظمي ڪهاڻين ۾ پنهنجي عورت سورمين جو ذڪر ڪيو آهي، سندس نظمي ڪهاڻين ۾ ڪُل نوَ ڪهاڻيون آهن، جن تي مردن کان وڌيڪ عورتون حاوي آهن، سواءِ حضرت امام حُسين عليہ السلام ۽ مورڙي ملاح جي، ٻيو ڪوبہ اهڙو اداڪار پيدا نہ ڪيو

آهي، جيڪو سورمو سڏجڻ جو لائق هُجي ۽ سيني ڪهاڻين جي رٿا جو مدار پنهنجين سورمين تي رکيو اٿس، سواءِ ٻن سُرن جي، هڪ سُر گهاتو جنهن ۾ مورڙي ملاح جي ڪٿا بيان ڪيل آهي، ٻيو سُر ڪيڏارو، جنهن ۾ حضرت امام حسين عليہ السلام جي سعادت جو ذڪر ٿيل آهي، انهن ٻنهي ڪهاڻين ۾ عورت اداڪار جو ذڪر بلڪل ڪونهي، جنهن بہ شاهہ سائين جي شاعريءَ جو ڀرپور اڀياس ڪيو هوندو، تنهن کي معلوم هوندو تہ جن ڪهاڻين ۾ سُورميون آهن، تن جا سُر سندن نالن سان آهن، جيئن سُر مارئي، سُر سهڻي، سُر سورٺ يا جتي سُورميءَ ۽ سُورمي ٻنهيءَ جا نالا سُرن ۾ اچن ٿا تہ اُتي پهرين سُورميءَ جو نالو اچي ٿو جيئن سُر ليلا چنيسر، سُر مومل راڻو، اها هڪ عجيب و غريب حقيقت آهي تہ، جيتوڻيڪ راءِ ڏياچ واري قصي ۾ مُکيہ اداڪار سورٺ ۽ راءِ ڏياچ آهن، پوءِ بہ سندس سرو آهي- سُر سورٺ، سسئي ۽ پنهون جي ڪهاڻي، جيڪا ڪيترن ئي سُرن ۾ اچي ٿي، تنهن جي پهرين سُر کي سُر 'سسئي آبري' سڏيو اٿس، سسئي لفظ جو تہ مقصد آهي، پر ٻين سُرن، معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري يا سر حسيني جي معنيٰ مطلب کي ڏسبو تہ اُنهن جو تعلق سسئي سان آهي، نہ پنهون سان!

شاهہ سائينءَ جهڙي عظيم درجي واري شاعر جي خيال ۾ اهو ڪو اتفاقي نتيجو ٿي نٿو سگهي، هن ڄاڻي ٻُجهي، سوچي سمجهي اُن نموني جا سِرا ڏنا آهن، جنهن ۾ اوليت سُورمين جي نالن کي ڏني اٿس، سهڻيءَ جي مقابلي ۾ ميهار ڪهڙو نہ تچ پيو لڳي، سسئيءَ جي قرباني ڏي ٿو ڏسجي تہ پنهون ۾ اک بہ ڪانہ ٿي ٻُڏي، نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جي وچ ۾ تہ ڏينهن رات جو فرق پيو ڏسجي، جڏهن ڄام تماچي، نوريءَ کي

نوازيو. تڏهن ئي پاڻ اهڙو ناميارو ٿيو. نہ تہ ڪيترائي سما حڪمران ٿي گذريا آهن. جن جو شان شوڪت، رعب تاب ۽ دبدبو ڄام تماچي کان وڌيڪ هو. پر اُنهن جو اڄ نالو نشان بہ ڪونهي. پر ڄام تماچي سنڌي ماڻهن جي دلين تي مهر جيئن اُڪريل آهي. اهو سڄو ڪمال نوريءَ جي نينهن ۽ ناز جو آهي. جنهن پارس جو ڪم ڏئي، ڄام تماچيءَ کي امر ڪيو! مومل ۽ ليلا، نوري، سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جهڙيون بي عيب نہ آهن. هُو خطا ڪري ٿاپڙجن ٿيون. ليلا ـ چنيسر جي پَٽ راڻيءَ هئي. جنهن کي چنيسر جهڙي مڙس جو پيار، محبت، عزت ۽ عظمت حاصل هُئي. پوءِ بہ هُوءَ هڪ هار تي هرڪجي چنيسر جهڙو بي بها ۽ ناياب وَر وڃائي ويٺي. مومل وري راڻي جي غير حاضري ۾ جُڙتو راڻو ٿاهي دل وندرائي. راڻي جو راضپو وڃايو. پوءِ بہ سنڌن سيرتن، راڻي ۽ چنيسر کي امر ڪيو. شاهہ سائينءَ کي مومل جي منٿن موهيو ۽ نہ راڻي جي ڏاهپ، ڏنو ويندو تہ شاهہ سائينءَ جون سُورميون سنڌس دل جون ترجمان آهن. جن جي واتان پاڻ صوفياڻي خيال ۽ ويدانتي متن جو اظهار ڪرائي ٿو جيڪي کيس وڻي ٿو سو ڪانئن چوائي ٿو. هن پنهنجي شخصيت، پنهنجين سُورمين ۾ پلٽي پڌري ڪئي آهي. شاهہ سائين جي شاعريءَ سنڌس زندگيءَ مان نِسري نِروار ٿي آهي، سنڌس سُورميون سنڌس جُدا جدا رُوپ آهن. شاهہ سائين شاعر هو عاشق هو صوفي لاڪوفي هو ۽ فيلسوف هو سنڌس سياءُ جون اِهي چارئي خوبيون، سنڌس سُورمين ۾ چِٽيون نظر اينديون. جٽڪ پاڻ کي ويهي منجهن اوتيو اٿس. ڪهاڻين ۾ ڪٿي پاڻ ٿو ڳالهائي تہ ڪٿي وري سُورمين کان ٿو ڳالهرائي. قصو مختصر ڪندي چوندس تہ شاهہ سائين پنهنجون سورميون اڪثر غريب طبقي مان چونڊيون آهن.

مارئي ٿر جي غريب مالوند ماڻهوءَ جي نياڻي آهي تہ نُوريءَ وري غريب مهاڻي جي ڌيءَ آهي، سهڻي آهي ڪُنڀر جي جائي، سسئي هڪ ڀانڀڻ جي ڌيءَ آهي، جيڪا غريب ڌوٻي جي گهر ۾ پلجي وڏي ٿي، مومل آهي راجا نند جي نياڻي، ليلا چنيسر جي پٽ راڻي آهي ۽ سورٺ اصل ۾ راجا انيراءِ جي ڌيءَ آهي، جيڪا پوءِ راجا راءِ ڏياچ جي پٽ راڻي، جنهن جي پالنا غريب رتني ڪنڀر جي گهر ۾ ٿي هُئي ۽ هُوءَ ڪنڀارڻ سمجهي ٿي وئي. شاهہ سائينءَ اڪثر پنهنجون سورميون غريب گهراڻي مان چونڊي اهو ثابت ڪيو آهي تہ غريبن ۾ ئي گُڻن جي کاڻ آهي، منهنجن صداقت سچائي، غيرت، شرافت، عزت، محبت، بُلند خيالي، نياز نوڙت ۽ قرباني جهڙيون صفتون هونديون آهن. جيڪي شاهوڪارن ۾ نہ ٿيون ملن. جيڪي ظاهر ظهور دُنوي، خيال کان غريب مسڪين نظر اچن ٿا، سي ئي رُوحاني دولت سان مالا مال آهن. سندن دلي دنيا دائما شاد ۽ آباد رهي ٿي، جيڪي دنيا کان پري، سي ئي ڏٺي ڪي ويجهي! شاهہ سائين ڏنو تہ دولت ۾ ناز آهي، غربت ۾ نياز آهي، خدا کي ناز نہ پر نياز پسند آهي، شاهہ سائين هڪ هنڌ فرمايو آهي تہ:

هَستي سڀ حَرام، نِوڙَت سڀ نماز،
جِنين ڀَانئِيو ڀَاڙ، گَيائين تَوائي تَن کي!

ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هيءَ جيڪا پاڻ چوي ٿي تہ:

وڏيري هُياس، چنيسر جي راڄ ۾،
ڍُلين دَمامين، نقرين ٿي پليل پچياس
ڏولي ڏيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾.
(شاهہ)

ليلا ناز ڪري وَر وڃايو، پر نوري نماڻي پنهنجي نياز ۽ نِوڙت سان ڄام تماچيءَ کي موهي پنهنجو ڪيو ۽ پٽ راڻي بنجي وئي، اهو سڄو ڪمال نياز جو هو. نُوريءَ نياز مان ڄام تماچيءَ کي چوي ٿي تہ:

ٿُون سَمون، آءٌ گَندري، مُون ۾ عَيبن جُوءِ،
پَسي رَاڻين روءِ، مَتان مَاڳَر مَٽئين!

شاهوڪارن جون اکيون آسمان ۾ هُونديون آهن، هُو دولت جي نشي ۾ چُور هوندا آهن، جنهن ڪري ئي ٿاٻڙجي خطا ڪائين ٿيون. ليلا لاءِ شاهہ سائينءَ چوي ٿو تہ، ”ٽڙڪي پسي ٽوڪ، نزڪي تڪبر ۾ پئي!“ ليڪن ٻين سيني سُورمين جون سيرتون بي داغ آهن، جيڪي آهن بہ غريبن جون ڄايون، جن ليلا ۽ مومل جهڙا ڪم ڪين ڪيا! نہ سهڻي، نہ سسئي، نہ نوري، نہ مارئي ڪيا! ڪکاون جهوپڙين ۾ رهندڙ غريب ڄاين کي ڪهڙي خبر تہ ناز نخرو ڇا ٿيندو آهي؟ شاهہ سائينءَ چوي ٿو تہ: جهنگلن، جبلن ۾ جهوپڙيون اڏي رهندڙ غريبن کي نفرت جي نظر سان نہ ڏسو، جن جو بدن پُراڻن کهرن کٽن سان ڍڪيل آهي، اُنهن جي دل قيمتي هيري جهڙي آٿوا جيئن سخت جبلن کي کوٽجي ٿو تہ اُنهن جي اندران سون جون کاڻيون ٿيون لَڀن، ساڳيو ئي حال آهي، سادن سُودن غريبن جي دلين جو جن مان شرافت، غيرت، عزت، محب، وفا ۽ سچائي جا موتي ٿا ملن. باقي جي سُکن جي سيجن تي سُمهن ٿا ۽ ڏن دولت جي نشي ۾ الوٽ ٿا رهن، اُهي ئي خطائون ٿا ڪائين. ليلا لاءِ هيرا جواهر ڪا نئين ڳالهہ تہ ڪانہ هُئي، پر پوءِ بہ هڪ مٽيي تي موهجي پنهنجو ڪانڌ قربان ڪيو. شاهہ سائينءَ ڪانئس پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف هيئن ڪرايو آهي تہ:

مَٽئي مٽي جي هُئا، تِن چِٽن ڦيريم چت،

مارئي هڪ غريب ڳوناٽي هُئي، هن نہ پلنگ پٽراٽين تي پير رکيو هو نہ محل ماڙيون ڏٺيون هُيون، نہ وري ريشمي ويس وڳا پاتا هُئا، پوءِ بہ عمر جي لالچن تي پلجي ڪانہ پئي، ڪيس چيائين تہ:

اِيءُ نَہ مَارُن رِيت، جي سَيڻ مَٽائِين سَون تي،
اَچي عمر ڪوٽ ۾ ڪَنديَس ڪَانہ ڪُريت،
پَکن جِي پِريت، مَاڙِيَن سِين نَہ مٽيان.

مارئي مسڪين ٿري مائٽن جي ڌيءَ هُئي، تہ بہ اخلاق جو دامن هٿان نہ ڇڏيائين، هُوءَ رُڳو اجا مڱيل هُئي، نڪاح بہ ڪونہ ٿيو هئس، پوءِ بہ پنهنجو سَتُر سلامت رکيائين، جنهن جي عظمت کي ڏسي شاهہ سائينءَ کي بہ چوڻو پيو تہ:

يَلي جَائِي مَارئي، جنهن مَارُو مَلهايا،
سُتي سَامَائِي، جَنهن ٻَڌا مَوڙ مَلِير کي.

(شاهہ)

ليلا تہ لائون بہ لڌيون هُيون، جنيسر جي پٽ راڻي بہ هُئي، شاهہ سائين اهو تفاوت ڏيکاريو آهي تہ ڇائي غريب ڳوناٽي ۽ راجا جي پٽ راڻي ليلا ۾! شاهہ سائينءَ جي سُورمين جي قسمت ۾ اڪثر سُک ڏيکاريل ئي ڪونهي، هُو ڇايون ڇڻ ڏکن لاءِ آهن، ڇمڻ سان ئي ڇڻ مائُرن کين ڏکن جي لولي ڏني هُئي! جو سندن نصيب ۾ آهن ڏک ۽ ڏولاوا! ڏسو سسئي کهڙي نہ درديلي دانهن ڪندي جبل کي چوي ٿي تہ:

ڏُونگَر مُون مَ ڏُکوءِ، آءُ اَڳ ڏُکوئِي آهيان،
سَاريان ڪونہ سکوءِ، سُور گهٽيئي سَنيِران!

شاهہ سائينءَ سُورمين جي حياتيءَ مان ثابت ڪري ٿو ڏيکاري تہ اهو ڏکن جو ڏيڳ ئي آهي، جيڪو انسان کي سُکن جي ديس جو سير ٿو ڪرائي، پاڻ هڪ هنڌ فرمايو اٿس تہ:

ڏُک سُکن جي سُونهن، گھوريا سُک ڏُکن ريءَ

شاهہ سائينءَ جي سُورمين جي ڏکوئيل زندگي ثابت ڪري ٿي تہ، حقيقي مالڪ جي مهر واري ٻاجهہ ان دوربينيءَ سان ڏسي سگهجي ٿي، جا انساني لُڙڪن جي ٺهيل هوندي آهي، انسان جي اکين جو آب ئي آهي، جو ماڻهوءَ کي روحاني اندبلت جا سيئي رنگ ڏيکاري ٿو، جنهن زمين کي انساني ڳوڙهن جو پاڻي ملي ٿو، اُن مان ئي سچ جا سلا ڀلا اُسرندا آهن، ڏک ئي آهن، جيڪي انساني دل جي ويراني کي اکين روپي آب سان ڌوئي تعاليٰ جي ٻاجهہ لائق ڪن ٿا، جيئن سونارو سون کي پرکڻ لاءِ باهہ ۾ وجهندو آهي، تيئن شاهہ سائين بہ پنهنجي هر هڪ سُورميءَ کي آزمائش لاءِ عذابن جي باهہ منجهان لنگهايو اٿس ۽ کين موت سان ئي ميلاپ جي واٽ ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

جي ٿُون ڳالهہ مُئي، تہ ڳالهہ ئي گڏي پِرينءَ کي،
گڏهن ڳانہ سُئي تہ ڳا سِگهي گڏي سَجڻين!

شاهہ سائينءَ جي سُورمين مان ليلا، مومل ۽ مارئي بہ ڏکن ۾ گذرن ٿيون، مارئي، جيڪا عمر جي ڪوٽ ۾ قيدياڻي آهي، مومل ۽ ليلا ڪافي وقت پنهنجن ڪانڌن سان گڏ رهي ڪري، پيار محبت جي موج ماڻي، پر شاهہ سائينءَ اُنهن خوشين جو ذڪر ڪونهي ڪيو نوري ئي آهي جنهن ڏک نہ ڏٺا آهن، ڏٺو ويندو تہ شاهہ سائينءَ جون سيئي سورميون هڪ صف ۾ نہ ٿيون اچن، هر هڪ جي زندگي جدا آهي، پر جي غور ويچار ڪري ڏسبو تہ سهڻي ۽ سسئي هڪ درجي ۾ ايندييون،

مومل ۽ ليلا ٻئي درجي ۾ ٿيون اچن. نوري ته مومل ۽ ليلا ٽنهيءَ جي مقابلي ۾ الڳ ٿي ڏسجي. مارئي ته پنهنجو مٽ پاڻ ئي آهي. سورٺ وري سڀني سُورمين کان بلڪل نرالي نظر پئي اچي! شاهه سائينءَ جون چار سورميون جدا جدا ٻن قطارن ۾ اچن ٿيون. يعني سهڻي ۽ سسئي هڪ صف ۾ ته ليلا ۽ مومل ٻي صف ۾. باقي ٽي سورميون يعني نوري، مارئي ۽ سورٺ جدا جدا پنهنجي معيار جون نظر اچن ٿيون. آءٌ تفصيل ۾ اهڙي ئي نموني سان پيش ڪندس. يعني سهڻي ۽ سسئي جو احوال گڏي پيش ڪندس. باقي سُورمين، نوري مارئي ۽ سورٺ جو احوال الڳ الڳ پيش ڪندس.

اوهان جي محبتن جو طالب

**استاد حيدري چانڊيو**

نوان جتوئي- نوشهروفيروز

0300_3010143

✦

# سهڻي ۽ سسئي

سهڻي ۽ سسئي ٻنهي جي وچ ۾ هيڪڙائي واري مشابهت آهي، ٻئي جٽيون، سالڪيءَ جي رُوپ ۾ محبوبن جي مالڪي واري جستجوءَ ۾ سڄي حياتي قربان ڪن ٿيون. ٻئي اٿاهہ ڏکن ڀرين ڪهاڻين جون سُورميون آهن. غور فڪر سان ڏٺو وڃي تہ سهڻي ۽ سسئي جي نظمي ڪهاڻين ۾ ساڳيو مطلب ۽ ساڳي معنيٰ رکيل آهي. سهڻي پنهنجي زندگي ختم ڪئي ميهار جي عشق ۾، ۽ ساڻس مِلڻ جي اُميد ۾، ۽ سسئي جي حياتي وري پُنهونءَ کي ڳوليندي، جبل جهاڳيندي ختم ٿي، شاهہ سائين، هڪڙو ئي مطلب ٻنهي ڪهاڻين جي ذريعي ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيو. سهڻي ۽ سسئي جي سيرتن سان شاهہ سائين سچي سالڪ جون وصفون ۽ لياقتون ٻڌائڻ ٿي گُهريون. سندس مطلب هو تہ هو ڏيکاري تہ سچي سالڪ کي ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون پيش اچن ٿيون ۽ پوءِ هو ڪيئن اُنهن کي منهن ڏئي پار ٿو پوي! سهڻي ساهڙ سان ملڻ لاءِ درياهہ جي تيز وهڪري، ڦهري ڪُنن، جر جي جانورن جي خوف خطرن جو ڪوبہ خيال نہ ڪندي، سِر تَريءَ تي رکي وڃي ميهار سان ملندي هُئي ۽ سسئي وري جبلن جا لاها چاڙها، ٽڪرن جا ور وڪڙ، رِڻ پَٽ جا پيرَ ڀِڃون ڪندڙ پنڌ ڇا لاءِ ڪيا؟ وِڇايل ۽ ڪنيجي ويل پُنهل سان ملڻ لاءِ، ٻنهي سورن ۽ پورن جي ستايلن موت جي منهن ۾ وڃي پنهنجن محبوبن جو مشاهدو ماڻيو. ٻنهي سُورمين ماڻهن، مِرُن، ساهہ وارن توڙي بي جان شين کان پنهنجي محبوبن جي

پُڇا ڳاڇا ڪن ٿيون، سهڻي درياهہ ۾ لڙهندڙ ٻنڊ سان دل جو حال اوريندي چوي ٿي تہ:

اَدا ڙي ٻانڊي توکي ڪَڙهَان ڪہ پَاڻ کي،
سُوڌي خَبَر سَڄڻين، تو ڪا تڙ آندي؟
تَو پَاتارئا پانڌي، اسان پنڌ پرين ڏي!

سسئي وري جبلن سان ٿي مخاطب ٿئي ۽ سج کي نياپا ڏئي چوي ٿي تہ:

آءٌ نَہ گڏي پِرِينءَ کي، تُون تو لَهين سِج!
آءٌ جي ڏيان سنيها، نيئي پِريان کي ڏِج،
وَجي ڪيچ چَئيج تہ ويچاري وَاٽ مُئي.

سهڻي ۾ اها ئي خوبي آهي، جيڪا اڪثر عورت ۾ نظر ايندي آهي، هوءَ سونهن جي عاشق آهي، جنهن جو نالو ئي سهڻي آهي، سا پنهنجي سونهن جو خيال ڪيئن نہ ڪندي! مارئي جي سُونهن سوپيا سندس جسماني نت نانگر، ناهہ نُوهہ ۾ ڪونهي، جيڪي آهي سو سندس پاڪدامني ۾ آهي! مارئي جي عصمت ئي سندس سيرت کي وڻندڙ بڻايو آهي، سسئي جي سونهن سخت سُورن سهڻ ۾ آهي. شاهہ سائين، نوريءَ جي سونهن کي سوپيا سندس نياز نِوڙت ۾ رکيو سندس غربت ۽ حليميت کيس ڏاڍو خوبصورت بڻايو ليڪن سهڻيءَ جو جهڙو هو نالو تهڙي هُئي سهڻي، هن ۾ نہ آهي، مارئي ۽ نوري واري سادگي، نہ مومل ۽ ليلا وارو ناز نخرو وغيره. بس پنهنجي محبوب ميهار جي حُسن ۾ گُم هُئي، پنهنجي دلبر ميهار جي سونهن جو بيان، جيڏين سرتين کي هن طرح ڪري ٿي ٻڌائي تہ:

وَاهڻو هن نوان، اَجا ولهہ اڳي ٿِيو
گهر ويٺيون گهڻا ڳريو، سَرتيون سڳ سَنوان،
صُورت جَا سَاهڙ جِي، سَا جي ڏِٺي آن،
هُوند نہ پَليو مَان، گِهڙو سَپ گهڙا ڪٽي!

يا

جيڏيون! ڏِٺيان جي، صُورت سَاهڙ ڄَام جِي،
سُک ٿِي سُمهو ڪِينَڪِي، ڳانڍن پَاسي ڪِي،
مُنهان اڳي، گِهڙو سَپ گهڙا ڪَٽي!

سهڻيءَ وانگر، سسئي بہ پنهنجين ساهيڙين سان، پنهنجي من موهيندڙ پُنهل جي صورت جو ذڪر ڪري ٿي تہ:

آن جي ڏٺي جيڏيون! پنهون جي پاٻوهہ
سَنجهي ۽ صبح، سُورن ٿي سَجنڪيون!

يا

ٻَاروچو ٻَئي روءِ، جَيڪس ڏِٺو جَيڏيون،
سَنجهي ۽ صُبح، هَڏ نَہ وِڻڻن وِسري!

سُهڻي ۽ سسئي کان سواءِ شاهہ سائين جي ٻي ڪنهن بہ سُورمي، پنهنجي محبوب جي حُسن جي ساراهہ نہ ڪئي آهي! سهڻي تي ميهار جي سُونهن جو اهڙو تہ گهرو اثر ٿيو جو بيوس ٿي چيائين تہ:

سَاهڙ مُون سِينگار، مَاڻهن ليکي مِ هِيڻُو!

۽ پنهونءَ جي محبت واري مُرڪ، سسئي جو من مستان ڪري ڇڏيو تہ ميهار ۽ پنهون تي يقينن سهڻي ۽ سسئي جي حُسن جو اثر ٿيو هوندو پر شاهہ سائين ڪٿي بہ ان ڳالهہ جو ذڪر نہ ڪيو آهي، پُنهل وڏي ماڻهو هجڻ جي پرواهہ نہ ڪري ڏوٻي ٿيڻ قبوليو. ميهار اميري

چڙي مينهن چارڻ جو ڪم ڪيو اهي ٻئي ڪي گهٽ درجي وارا عاشق تہ نہ چئبا! پر پوءِ بہ شاهہ سائين، پُنهل ۽ ميهار جي واتان سهڻي ۽ سسئي جي حُسن جي باري ۾ هڪ لفظ بہ ڪونهي چَورايو انهي ۾ سندس ڪهڙي رمز هُئي، تنهن لاءِ ڪُجهہ بہ چئي نٿو سگهجي، سوڻ خاطر ميهار سهڻيءَ کي جيڪا کير چُڪي ڏُهي ڏني هُئي، انهيءَ لاءِ شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

ميهارا مِرڪ، پِيتَائِين پِريم جي،
تَنهن منڊ متوالي ڪئي، سنڌيءَ ساءَ سُڪ
لڳيس ڪام ڪرڪ لوها ڏُکي لطيف چئي.

سهڻي جي گهورين نينهن نگاهن ميهار کي نِهوڙي وڌو هو. شاهہ سائين، چاهي ها تہ ميهار جي واتان بہ ان بابت ڪجهہ چورائي ها، پر اُن کان ڪجهہ نٿو چورائي، جڏهن تہ سسئي پاڻ ٿي ٻُڌائي تہ جڏهن پنهون ڪيچن سان گڏجي، سنڌ جي سرحد پار ڪري، عطر عنبير کڻي ڀنڀور ۾ اچي لٿو ۽ سسئي پاڻ عطر جي خريدار بڻجي وٽس وئي، تڏهن ڪيئن دل ڦُرائي واپس وري، جنهن جي منظر نگاري شاهہ سائين هن ريت ڪئي آهي تہ:

ڪيچان آيو قافلو، ڄَامَن سَندو ڄَام،
پَسِيندي پُنهون کي، اَکين ڳيو آرام،
نَاتر ڄَايان نَام، جي مُون نِيو پَاڻ سِين.

يا

ڪيچان آيو قافلو پَليرو پَانئِيان،
پِٽي جا پيرن جِي، لِڳَن کي لايَان،
ڄَنبيلي ڄَايَان، جي مُون نِيو پَاڻ سِين!

سسئي پنهنجي سُورن جو پاڻ بيان ڪري ٿي، پر پُنهونءَ کي جو سسئي جي سِڪ محبت پريشان ڪيو، تنهن لاءِ شاهہ سائين بلڪل خاموش آهي، ان رمز جي ڪا پروڙ نٿي پوي. شاهہ سائين پنهنجين سورمين جي خيالن جو ذري پُرزي جو بہ بيان ڪري ٿو. سهڻي ۽ سسئي جي ڀاهرين هڪجهڙائي پٺيان ڪافي تفاوت نظر اچي ٿو. سهڻي جي محبت جون حالتون، سسئي جي حالتن کان ٻي طرح جون هُيون. سهڻي جي سيرت تمام متاهين نظر ٿي اچي، اُن متاهين هنڌ تي شاهہ سائين جي ٻي ڪابہ سُورمي پهچڻ جي جُرئت ئي ڪري نٿي سگهي. شاهہ سائينءَ جي مِڙني سُورمين ۾ سهڻيءَ جو درجو تمام ۽ تمام متاهون آهي. سهڻيءَ جي سيرت جو ڪارڻ آهي، هن جي همت ۽ بهادري، عشق جي آگ جڏهن سندس اندر ۾ پنيٺ ڪري ٻرڻ شروع ڪيو، تڏهن منجهانئس زناني ضعيفائي دُور ٿي وئي ۽ بهادرن جي بہ بهادر بنجي وئي، ڇو تہ منجهس عشق اچي واسو ڪيو هو ۽ دُنوي خوف خطرن کان آزاد ٿي وئي هُئي، سهڻيءَ جي حالت ٻين سُورمين کان نرالي نظر ايندي. سهڻيءَ جو ميهار سان ڪو تعلق نہ هو. سسئي جي پنهل سان شادي ٿيل هُئي، سهڻيءَ جي اک ميهار سان لڳل هئي، سندس مائٽن جڏهن ڏٺو تہ سهڻي ميهار جي محبت ۾ مبتلا آهي، تڏهن سندس مرضيءَ خلاف ڪيس ڏم سان زوري ڪٽي پرڻايائون، چوندا آهن تہ زور جي ميندي لڳٽي ناهي! سو سهڻيءَ کي بہ زوري ڏنل مڙس پسند ئي ڪونہ هو. هو روزانو رات جو درياهہ تري وڃي ميهار سان ملاقي ٿيندي هئي، ان ڪري ڪيس گهر ۾ ڏم جا طعنا مهڻا سهڻا پوندا هُئا. سسئي جيڪڏهن پنهل لاءِ جبلن جون لاهيون چاڙهيون لهندي پنهنجا پير پِٿون ڪيا تہ کهڙي وڏي ڳالهہ ڇئبي؟ پنهل سندس ڪانڌ هو. ڪانڌ کي ڳولڻ سندس فرض هو. مارئي، کيت سان مڱيل هئي،

جيڪڏهن مڙس جي ياد ۾ رهي عمر جي لالچن ۾ نہ آئي تہ هن اخلاقي اُصولن جي پيروي ڪئي، پر سهڻيءَ جون حالتون ڏاڍيون ڪٺن هُيون، سسئي جي مائٽن کي معلوم هو تہ سندن ڌيءَ پنهنجي وَر پنهل جي ڳولا ڪرڻ لاءِ وڃي ٿي، مائٽن جي سمجهائڻ سان نہ سمجهي، جبل منهن ڪيائين تہ مائٽ سندس پُنيان ڪين ويا، نہ وري هُن کي ڪنهن طعنو وغيره ڏنو! سهڻيءَ جي تہ چوڌاري مخالفت ئي مخالفت هُئي، اوڙي پاڙي، مائٽن مٽن وٽ ڌڪار هُئي، سيني چيو هُوءَ ڪِني آهي، خراب آهي وغيره! سندس راهہ ۾ ڪيئي رنڊڪون هُيون، شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

پَل پَل تِي پَلي، ڏَم ڏِهاڙي ڪيترو!

ءِ پاڻ ٻڌائي ٿي تہ:

ڏَم ڏِهاڙي ڏَئي، سَندا ميهر مِهڻا،
جَهليم تي جهولِيءَ ۾، پلئہ پائيو سي،
هر جان چالهہ چئي، سڳا سپيرين جي.

ڏم سان گڏ سندس جيڏيون سرتيون، عزيز، مائٽ، مٽ ڪيس ميهار سان ناتو توڙي ڇڏڻ لاءِ چون ٿا، سهڻي جواب ۾ ٿي چوي تہ:

تَڙن جَا طَعنا، سَهنگا ڏِينم سَرتِيون!

هڪ هنڌ شاهہ سائين، سهڻيءَ کي جيڏين سرتين سان گفتگو ڪندي ڏيکاري ٿو پر هُن کي نہ ڏَم جي مٿس ڪاوڙ جي ڪا پرواهہ هُئي، نہ مهراڻ جي تيز ڇولين، ڪنن جي ڪڙڪاٽن، نہ جَر جي جانورن جو ڪو ڊپ ڊاءُ هو جڏهن جيڏيون سرتيون چونس ٿيون تہ:

مَتان گِهڙين سهڻي، اَڄ دَرياهہ ۾ اَٿئي دَم،
ڪَاري رات ڪنن ۾، ڪهڙو اَٿئي ڪَم؟
مَتان جَاڳِي ڏَم، پُڇِي پَاڙي وارِيون!

تڏهن سهڻي کين جواب ۾ ٿي چوي تہ:

پُڇي پَاڙي واريُون، ڪوهہ ڪَريندو ڏَمُ،
ڳَاري رات ڪنن ۾، آهہ ڳَاٽيارَن ڳَمُ،
هِي هَڏو ۽ چَمُ، گهوريو مُحب ميهار تَان!

اهڙي قسم جون مشڪلاتون سسئي کي ڪين آيون! سسئي سُور چو سنائين، سندس مائٽ سندس خلاف ڪين هُئا! پنهون جي پائرن ئي سندس وَر جُدا ڪيو. پر سهڻيءَ کي چا ٿيو هو جو مائٽن جو ناراضپو کٽي، ڏم جا طعنا مهڻا، تنبيهون، دڙڪا، دهمان سهي ڪري، ميهار جي پُنيان لڳي هُئي، ساڻس ڪهڙو سڱ هوس؟ تنهن لاءِ شاهہ سائين ٻڌائي ٿو تہ. سهڻيءَ جو ميهار سان جيڪو سڱ هو جنهن جي خبر عام ماڻهن کي ڪانہ هُئي، اُهو سڱ روز الست کان اڳ ٿيو هو اچو تہ اها گواهي شاهہ سائينءَ کان ٻُڌون، پاڻ فرمائي ٿو تہ:

ساهڙ جا سِينگار اَڻ لَکيا اڳي هُئا،
نَڳا ڪُن فَيڪون هُئي، نَڪا ٻِي پَچار،
مَلَڪنئان مَهند هُئي، توڏي جي تنوار،
مُحبت سَاڻ ميهار، لايائين لَنئُون لَطِيف چَئي!

سهڻيءَ پاڻ بہ ٻڌائي ٿي تہ مون ميهار سان روز ازل کان لانئون لڏيون آهن، ڏم سان تہ مون کي زوري پرڻايو ويو آهي، پاڻ ٻڌائي ٿي تہ:

اَلست اَرواحن کي جَڏهن چَيائُون،
مِيٿَاقَان ميهار سِين، لَڏيون مُون لانئُون،
سو موٽي ڪِيئن پَانهون، جو محفوظان معاف ٿيو!

سهڻيءَ کي خراب سمجهيائون، پر سهڻي دنيا جي پرواهہ نہ ڪدي، ميهار سان سچي رهي ۽ پنهنجي سور سختين جو ڪارڻ پاڻ

هُئي! سسئي، پنهونءَ جي پٺيان ويندي، سماجي، مذهبي يا اخلاقي اُصولن جي ڪا پيڪڙي تہ ڪانہ ڪئي هُئي، پر سهڻيءَ جي حالت دل دهلائيندڙ هُئي، دل جي سچائي ۽ سُورن سختين ۾ صبر سهڻيءَ ۾ اِرادي جي پُختگي پيدا ڪئي هُئي، سهڻيءَ جي موت جو سبب ڏم جو حسد ۽ ڪاوڙ هئي، ڏم جي پيڻ پڪي گهڙي جي جاءِ تي اهڙو ئي ڇٽيل ڪچو گهڙو رکي ڇڏيو هو. سهڻي، ميهار جي عشق جي انڌ ۾ ڪچي ۽ پڪي جي ڪا خبر ئي ڪانہ لڌي، ڪچو دلو ڪٽي درياهہ ۾ ٽپي پئي، اڳتي هلي ڪچو گهڙو پاڻيءَ ۾ ڳري ويو. پوءِ ڪيس ڏم جي پيڻ واري دشمني ياد پئي ۽ چيائين تہ:

يَانيَم نَہ پيلو مُون کي ڏاءَ ڏتاريو!

مگر سسئي سان تہ پنهنجن مائٽن جي همدردي هُئي، ڇاڪاڻ تہ سسئي مائٽن جي رضا منديءَ سان پنهل سان نڪاح ڪيو هو. جڏهن پنهونءَ کي گهڻو پياري بيهوشيءَ جي حالت ۾ وٺي ويا. تڏهن ڀنڀور جي ماڻهن پڻ سسئي سان همدردي ڏيکاري هُئي، شاهہ سائين انهي ڳالهہ جو هن ريت بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

چڪس سَپ چَٽِي، مَاڻهو شَهر ڀَنڀور جَا.
سَاموٺي ڪِيئن مُئي، جَنهِنجو جَانِب جَت وَٺِي ويا!

سهڻي، ميهار کي مِلڻ ٿي وڃي تہ سرتيون ڪيس منع ٿيون ڪن، پر سسئي کي هر ڪا صلاح ٿي ڏئي تہ پنهل سان تو پيار جو پرڻو ڪيو آهي، اُن کي وٺي اچڻ ڪان اڳ نہ موٽجانءِ، ڪيس ڪيترين هڪ جيڏين دم دلاسا ۽ آٿٿون ڏنيون. سسئي انهن لاءِ چوي ٿي تہ:

مُون جِيئن رُنائون، مَٽي ڪَيو هَٿڙا!

هتي هڪ خاص ڳالهہ، جنهن جو اسان کي خاص ڌيان لهڻو آهي، سا هيءَ آهي تہ سسئي ڪهاڻي جي رِڻا ۾ ڪيترا ڀيرا ماءُ سان مخاطب ٿي گفتگو ڪري ٿي، سهڻي صرف سرتين سان مخاطب ٿئي ٿي، سهڻي کي جيڪڏهن ماءُ هُئي بہ ڪٿي، تہ بہ انهيءَ پنهنجي ڌيءَ جي دلي جذبن جو ڪو خيال نہ ڪري کيس زوري ڏم سان ڪٽي پرڻايو. پر سسئي، ماءُ سان پنهنجي دل جو درد اوري ٿي، پنهور ڇڏڻ وقت پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي تہ:

پِرينئي پِرينءَ جِي، مَاءُ مُنجَهايَم مَت!
اَج مِلنديس مَاءُ، ڏَاڇا ڳنديَس ڳپڙا،
جِيجَان جوڳياڻي ٿِيان، مُون کي جَهل مَ پاءِ!

هن بيت مان معلوم ٿو ٿئي تہ سسئي جي ماءُ، ڌيءَ کي منع ٿي ڪئي تہ تُون پنهور کي ڇڏي، اڪيلي پنهونءَ جي ڳولا ۾ نہ وڃ، ڇاڪاڻ تہ مٿس قياس ٿو پوي تہ ويچاري ڪيئن جبل جهاڳيندي ۽ رِڻ پٽ رُلندي، سسئي کي ماءُ جي منع ۽ سهڻيءَ کي ڏم جي منع ڪرڻ ۾ وڏو تفاوت آهي، مڙس جي منع ڪرڻ ۾ سختي ۽ ماءُ جي منع ۾ همدردي ۽ پيار هو سهڻيءَ کي دلداري ڏيڻ وارو شاهہ سائينءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نظر نٿو اچي، سسئي جي هينين سِٽن مان صاف ظاهر آهي تہ: پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ سسئي ڏُک مان هَنجون پئي هاريون، تڏهن ماءُ بہ ڌيءَ کي جُهرندو ڏسي، دل جهلي ڪانہ سگهي، ۽ اوڇنگارن مٿان اوڇنگارون ڏئي اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي:

روبو ويني رَاڳ، اَمڙ اَوريا نجهري
لاٿو مُون ڏيهہ وَٽن سَان، لاڳاپو ۽ رَاڳ،
ڏُونگر سي ڏورِينديُون، جِن اَندر پَري آڳ!

سسئي، ماءُ سان مخاطب ٿي ڪيس چوي ٿي، اي منهنجي جيجل ماءُ! تُون پِلي گهر ۾ روئي ارمان جو اظهار ڪر، پر مان گهر ۾ وطن سان سڀ لڳ لاڳاپا ٽوڙي، جبل جهاڳينديس. سسئي جي ماءُ، ڏيءَ جو سُور سهي نٿي سگهي، پر سهڻيءَ طرف نظر ڦيري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هن قرب جي ڪاتيءَ سان ڪُٺل کي ته ڪو به دلاسي يا آٿت ڏيڻ وارو ڪونه هو. امڙ، ماءُ، جيجل اکر، جي سسئي جي بيتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا، سي بلڪل ظاهر ٿا ڪن ته سسئي کي ماءُ سان ڏاڍي همدردي هُئي، هڪ هنڌ هڪ بيت ۾ سسئي ماءُ کي چوي ٿي ته:

مَاءُ! وِهاڻُو وَار، ڪَڻ پَٽراٽي پَانهِنجِي،
جيڪين ڏِنَئي ڏيجَ ۾، سو سَيوئي سَار،
وَجان ٿِي وَٽڪَار، ڏِنم پيير پُنهونءَ جو!

مٿين بيت جي سٽن مان معلوم ٿو ٿئي ته، سسئي کي مائٽن پنهنجي خوشيءَ سان ڏاج ڏئي پنهونءَ سان پرڻايو هو. سسئي جو پنهون سان پيار هو، سهاڳڻ عورت جو پنهنجي ڪانڌ لاءِ محبت جو هُجڻ تمام ضروري آهي، پر سهڻيءَ جي ميهار لاءِ سِڪ هُئي، طالب جي مطلوب لاءِ محبت. جيڪا سسئي ڪئي، سا سوين ڪنديون. وَرلاءِ پاڻ پتوڙڻ هر ڪنهن سُگهڙ عورت جو فرض آهي، پر جيڪو سهڻي، ميهار لاءِ ڪيو، سو هزارن مان ڪنهن هڪ کي به ڪرڻ جي جُرئت نه ٿيندي! سسئي ۽ پنهون پاڻ ۾ شادي ڪري ڪجهه عرصو هڪ ٻئي جي آغوش ۾ بنا ڪنهن خوف خطري، چِنتا جي محبت جون موجون ماڻيون هُيون، سسئي کي اهو خيال ڪڏهن خواب ۾ به نه آيو هو ته، ڪو پنهون ڪانئس جُدا ٿيندو. جنهن جي ثابتي خود سسئي جي زباني مِلي ٿي، هُوءَ چوي ٿي ته:

مُون پَانئِيو مُون وَٽ، هَميشہ هُوندا پِرين!

هڪ هنڌ سسئي ماضي ۽ حال جو ذڪر ڪندي چوي ٿي تہ:

اَڳي اِئين هُياس، جو پُنهون ڏوتم ڪپڙا،
هَاڻي اِئين ٿِياس، جو جَت نَہ نِيَن پَاڻ سِين.

انهيءَ بيت مان ثابت ٿو ٿئي تہ، سسئي ڪجهہ وقت تائين پنهونءَ جو وِصال ماڻيو ۽ ٻنهي گڏجي ڪپڙا ڌوئندي، هڪ ٻئي کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي، کِلي خوش ٿيا هُئا. پر سهڻيءَ کي اهڙو سُک نصيب ۾ ڪين هو! سسئي، پنهونءَ جو وِصال ايترو وقت تہ ماڻيو، جو اُن وچ ۾ پنهون جي پيءُ ’آري ڄام‘ پُٽ کي هڪ قاصد موڪليو تہ، ڪيس وٺي اچي، پر پنهون واپس وڃڻ کان انڪار ڪيو. قاصد ڪيچ موٽي، آري ڄام سان سندس سڪيلڌي پُٽ پنهونءَ جو سربستو احوال ڪيو جنهن تي آري ڄام پنهنجن ٻين پُٽن کي ڀنڀور چاڙهي موڪليو تہ ڪنهن طريقي سان پنهون کي مون وٽ وٺي اچو! اُنهن ڏينهن ۾ اُنن جي مسافري بلوچستان، ڪيچ مڪران ۽ سنڌ ڀنڀور جي وچ ۾ چڱو خاصو وقت وٺندي هُئي، ان جو مطلب اهو ٿيو تہ، سسئي، پنهونءَ جي محبت ۾ گهڻا ئي ڏينهن گهاريا هُئا ۽ جڏهن پنهون جا ڀائر ڀنڀور اچي سندس مهمان ٿين ٿا، تڏهن سسئي کي تمام گهڻي خوشي ٿئي ٿي، ۽ هُوءَ پنهنجي خوشيءَ جو اظهار هن طرح سان ڪري ٿي تہ:

آيا آسَ ٿِيَام، ٻَاروچا ڀَنڀور ۾،
ٻَسي ٻَهر پُنهون جي، نَنهن سِين نيڻ نَريام،
گُوندَر وِسريَام، سُکن شَاخُون ڪَڍيون!

سسئي کي پنهون جي ڀائرن جو مهمان ٿي اچڻ جي خوشيءَ تہ برابر ٿي هُئي، پر هُوءَ پنهل جي پيار ۾ اهڙي تہ مست رهي، جو مهمان ٿي

آيل ڏيرن جي ڪا خاص خاطرداري ڪانہ ڪيائين، جيڪا هن کي ڪرڻ ڪپندي هُئي، کهڙي نہ دلسوز انداز ۾ چوي ٿي تہ:

اَڳيان اُتي اُن جي، خوب نہ پَڪم ڪَاڄُ،
سَامهون هَتان نہ ٿِي، جيڪا رَسم رَاڄُ
آيَل آءُ اَڪاڄ، ٻول ٻَروچي وِترو!

سسئي جي سيرت ۾ خاص خاصيت اِها آهي تہ پنهل لاءِ روئندي پِٽيندي ڪيئي ڪشالا ڪڍيا، يعني پنهون وِڇائڻ کان پوءِ جڻ سندس تقدير بِگڙجي وئي، سهڻي بہ ڪجهہ وقت ميهار جي منهن ڏسڻ لاءِ ڪو وقت سِڪندي رهي، انهيءَ ڪري جو جڏهن تلي ڪنير کي اها ڄاڻ پئي تہ ميهار سندس ڌيءَ سهڻيءَ سان عشق ڪري ٿو تڏهن ميهار کي پاڻ وٽ نوڪري ڪرڻ کان جواب ڏئي ڪڍي ڇڏيائين، ۽ سهڻيءَ جي هڪدم ڏَم سان شادي ڪرائي ڇڏيائين، ميهار جو ڪو وقت پتوئي ڪونہ پيو تہ ڪاڏي ويو. اُنهيءَ جُدائي واري عرصي جو شاهہ سائين بيان تہ ڪري ٿو پر ائين ڪونہ ٿو چوي تہ، سهڻي، سسئي وانگر دانهون ڪُوڪون ڪيون يا وري ميهار جي محبت ۾ ڪو شڪ آندو. هن جي حالت جو شاهہ سائين هن ريت بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

ڏَم سِين جو ظاهرا، مَن ميهار سِين ميڙ!

ميهار جي غير حاضري ۾ سهڻيءَ سندس ياد ۾ رهي ٿي، شاهہ سائين سهڻيءَ کان اجهو هن طرح ٿو چورَائي تہ:

ڏِني ڏِينهن ٿِيام، کُهہ ڄَاڻان کهڙا ٻِرين؟
سَهسِين سِج اُلهي، وَاجهائِيندي وَيام،
ٽِنين سَال ٿِيام، جِنين سَاعت نَہ سَهان!

_

ڏِني ڏِينهن ڏِيام، ڪُهہ ڄاڻان ڪيها پِرين!
گُوندر غَم پِرينءَ ڄا وَلين ڄيئَن وَريَام،
تِنين لاءِ سَال پيام، جِنين لاءِ سَاعت نَہ سَهان!

سهڻي متين بيتن ۾ ٻڌائي ٿي تہ آءٌ جڏهن ڪُنواري هُيس تہ ميهار کان سواءِ پل بہ نہ سَرندي هُئي، هينئر تہ سال گذري ويا آهن. جو ميهار جو منهن ڏسڻ بہ نصيب ڪونهي ٿيو. سندس جُدائيءَ جو غم وَليَن جيئن گهيري ويو آهي، ڪجهہ وقت کان پوءِ ميهار سنياسي جي رُوپ ۾ اچي اُتي رهائش پذير ٿيو. سهڻي درياهہ جي ڪپ تي گهر ۾ رهندي هُئي، ميهار ٻئي ڪپ تي جُهوپڙي اڏي ڌُونهين دُکائي ويهي رهيو. ٿوري ئي وقت ۾ سندس مشهوري ٿي وئي تہ درياهہ جي ٻئي پر تي هڪ گوڏڙي پوش سنياسي فقير ٿو رهي. سهڻيءَ کي بہ خبر پئي تہ درياهہ جي ٻئي ڪپ تي ڌُونهين دُکائي ويهڻ وارو سنياسي ميهار ئي آهي. شاهہ سائينءَ سهڻيءَ کان هن ريت چورَايو آهي تہ:

هُن پَر سِيم هُوءِ، سُتي سَنيَارن جِي،
چِت چَڙَن چوريو،چوُنڪ ٿِيڙم جُوءِ،
مُحبتي ميهار جي ٻِا الله پِيَم بُوءِ،
وَجي رُوبروءِ، ديکيان دوست ميهارَ کي.

سهڻيءَ کي ميهار وٽان ڪو بہ سنيهو پيغام ڪونہ مليو هو، محبت يا عشق فطرت آهي، محبت ئي کيس معلوم ڪرايو هو تہ تنهنجي گهر جي سامهون درياهہ جي ڪپ تي، جيڪو سنياسي جي رُوپ ۾ اچي وينو آهي، سو ئي تنهنجو محبتي ميهار اٿئي، هوءَ سسئي جيان ائين هرگز نٿي چوي تہ:

اَديون! آءٌ اَڄاڻ، مُون سَڱ سُڃاڻي نَہ ڪَيو!

سسئي جي اندر ۾ پنهل لاءِ گمان پيدا ٿيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سسئي پنهل خاطر سِر قربان ڪيو. ليڪن اعليٰ درجي واري عاشق جي دل ۾ معشوق لاءِ ڪڏهن بہ شڪ گمان اچڻ نہ گهرجي ها. سهڻيءَ ڪڏهن بہ پنهنجي پياري ميهار لاءِ شڪ گمان واري ڳالهہ ڪانهي ڪئي، پر سسئيءَ کُليو کُلايو چوي ٿي تہ:

جَاڻي سُجاڻي، مُون ڪي ڃَڏي هَليا!

هُوءَ وري ٻئي هنڌ چوي ٿي تہ

پرڏيهي پرين ڳنا، مرڻ لاءِ مون!

سسئي اهڙا لفظ چئي، پنهنجي عاشقيءَ ۾ عيب پيدا ڪيا. جنهن ڪان سهڻي بلڪل ڇُٽل آهي، سسئي کي خبر هُئي تہ پنهون پنهنجو راج ڀاڳ ڇڏي، مون خاطر ڏوٻي ٿيڻ قبوليو هو. جنهن لاءِ شاهہ سائين جي هي گواهي آهي تہ:

ڳَڏيو ڏوٻين ڏوءِ، پنهون پار چو هٿ ۾!

پنهل جي سچائي ۾ شڪ يا گمان آڻڻ سسئي جي شان وٽان ڪين هو! ائين ڪرڻ سان هُن پنهنجي ضعيفائي ڪمزوري جو اظهار ڪيو آهي، پنهنجي محبوب جي ڳِلا ٻين سان ڪرڻ سچي عاشق جو ڪم نہ آهي، شاهہ سائين هڪ هنڌ فرمايو آهي تہ:

سُپيريان جي دور جو، ماڻهن ڏجي منجهہ!

سهڻيءَ کي ڏسو تہ ميهار لاءِ ڇا ٿي چوي:

نہ مون ناناڻيا ڪنئو، نڪي ڏاڏاڻا،

پِرين جي پاران، مُون سِين وڏا ئي وَڙ ٿِيا!

سهڻيءَ ڏکن ۾ سُک ڏٺا، هن کي معلوم هو تہ جيسين ڏُڌ ۾ مانڊاڻي وجهي، اُن کي زور سان نہ ولوڙبو، تيسين منجهانئس مکڻ

نڪرڻ جي اُميد رکڻ بلڪل اجائي آهي. هيترن سُورن سهڻ جي باوجود بہ هُوءَ چوي ٿي تہ:

منهنجون سيئي آيل ماءُ من مرادون پنيون!

اهو آهي سهڻي ۽ سسئيءَ جي دلين جي وچ ۾ تفاوت، نہ صرف ايترو پر سسئي پنهنجي ڏکن سُورن لاءِ پنهون کي ذميوار قرار ڏئي ٿي، جڏهن تہ پنهون پائرن هٿان بيهوشي ۽ بيوسيءَ جي حالت ۾ ڪيچ مڪران ڪڄي ويو هو. پنهون ڪو وسان تہ ڪونہ ويو هو. هڪ هنڌ سسئي چوي ٿي تہ:

سندو سورن خط، ڏنم هوت هٿن سين!

هوت ڪيئن سُور ڏيندو؟ پنهون ڪيئن چاهيندو تہ منهنجي سسئي ڏک ڏسي؟ مرشد لطيف هڪ هنڌ فرمايو آهي تہ:

پِريان سَندي پَار جِي، مِڙئي مِنائي،

ڳانهي ڳڙائي، چَکين جي چِيت ڪري!

محبوبن جا سُور بہ ڪڏهن سُور ٿيا آهن! ائين ڪٿي سمجهو تہ پنهل ٿي سسئي کي سُور ڏنا، تہ بہ سسئي کي اهو وسارڻ نہ گهربو هو تہ:

جي هٿان هوت مرن، هوت تنين جي هنج ۾

سهڻيءَ انهيءَ عشق جي راز کي سمجهي ورتو هو تہ هوءَ پلي پلائي بہ ميهار کي نٿي چوي تہ تو مُون کي ڏک ڏنا آهن، يا تنهنجي ڪري ئي مون کي ڏک ڏسڻا پيا آهن. عشق ڪرڻ معنيٰ ڏکن کي دعوت ڏيڻ برابر آهي، شاهہ سائين وڏو عاشق آهي، جنهن عشق لاءِ چيو آهي تہ:

عِشق نَاهي رَاند، جِيئن کيڏنس ٻِيرُو،

سِسِي نيزي پَاند، اُڇل تَہ اَڏ ٿِئي!

عَاشق زَهر پِياڪ، وِهہ ڏِسي وِهسَن گهڻو،
ڪَڙي ۾ قاتل جا، هميشہ هيراڪ،
لڳي لَنئون لَطيف چَئي، فَنا ڪَيا فِراق،
توڻي چِڪن چَاڪ، تہ بہ آه نَہ سَلن عَام سِين!

_

سُورِي سَڏ ڪَري، اُيِي عَاشقن ڪي!

_

سُورِي آهہ سِينگار، اڳهين عاشقن جو!

سهڻي شاهہ سائينءَ جي انهن بيتن جي پيروي ڪئي، هن عام اڳيان ڏکن سُورن جو اظهار نہ ڪيو. هن پروڙيو هو تہ دل ڏيڻ اُنهن جو ڪم آهي، جيڪي دل ڏئي دم نہ هٽن. سهڻيءَ جو نينهن هو نِهائِين وارو، جنهن لاءِ شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

نِهَائِين ڪان نِينهن، سِڪ مُنهنجا سُپرين،
سَڙي سَارو ڏِينهن، ٻاهر ٻَاڦ نہ نِڪري.

سسئي اُنن ڪي بہ ڏوراپا ڏئي ٿي تہ توهين مُنهنجو پنهل پڄائي ويا، هو چوي ٿي تہ:

اَڳي اُٺ رَڙَن، مُون پيري مَاٺ ٿِي،
پَلاڻِيندي پَاڙ ۾، ڪُڇيو ڪِين ڪَنن،
ڪَا جا مَاهہ مَنن، هن پڻ هئي هن سين.

ساڳيءَ ريت جبل کي بہ ڏوراپو ڏيندي چوي ٿي تہ:

ڏُونگر! تُون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مُون تِن اَندر تِپئَن وَهين، جِيئَن وَڻ وَڍي وَاڍو.

شاهہ سائين سسئي لاءِ چوي ٿو تہ:

ڏُکي ڏِهاڙي مُني مَٽي هَتڙا،
تنهن پَر نَہ ڪاٽي، جيئن پر جيي جيڏيون!

ڏک ۾ مٽي تي هٿ هٽي سياپو ڪرڻ، دل جي هلڪائي جو اظهار ڪرڻو آهي، انهن سٽن مان شاهہ سائين پڌرو ٿو ڪري تہ سهڻيءَ جو درجو، سسئي جي در جي ڪان گهڻو مٿي آهي، سهڻيءَ کي بہ تہ سسئيءَ جهڙيون ئي مشڪلاتون پيش آيون هُيون، سسئي تہ هڪ پيرو پنهل کي ڳولڻ لاءِ نِڪتي هُئي، پر سهڻيءَ تہ هر ڪنهن رات پورِ ساوڻ هجي يا سيارو، اونداهي رات هجي يا چانڊوڪي، جُهڙ هجي يا مينهن طوفان هجي يا ڪجهہ بيو، پر ڪوبہ خيال خطرو نہ ڪري هڪ دل جي آڌار تي ميهار سان مِلڻ ويندي هُئي، اهڙيءَ طرح هن کي تہ روز موت کي منهن ڏيڻو پوندو هو جيڪو سسئي هڪ پيرو ڪيو، سو سهڻيءَ کي سوين هزارين پيرا ڪرڻو پيو ڪنن جي ڪڙڪاٽن هن کي تنگ ڪيو درياهہ جي دهشت ۽ تيز چولين هن جي دل ۾ ڏڪڏڪو پيدا ڪيو سهڻيءَ ڪا تارُو بہ ڪانہ هُئي، هُوءَ تہ اڻ تارُو هُئي، پورِ بہ هُوءَ ڪڏهن درياهہ جي ڪنن، چولين، تيز وهڪري وغيره کي ڏوراپا نٿي ڏئي، درياهہ جو ڪهڙو قصور؟ انهيءَ تہ سهڻيءَ کي ڪونہ چيو هو تہ، تُون ميهار سان وڃي عشق ڪر! سُور تہ نينهن جي سوغات آهن، عشق نانگ پر خبر ڪاڏن ڪان پُڇ! شاهہ سائين، سهڻيءَ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ، ميهار ڏي ويندي خوف ۾ اچي نہ موٽجانءِ! مرين تہ بہ ميهار وٽ مَرجانءِ، ميهار سان مِلڻ لاءِ جيڪي تو سينگار ڪيا آهن، سي ڏَم کي نہ ڏيڪارجانءِ! چوي ٿو تہ:

مَتان موٽين سهڻي، مَرج وَٽ ميهار،
سَاهڙ جَا سِينگار مَتان ڏَم ڏيکارِين!

ميھار سھڻيءَ جا ٻُڏڻ وقت سَڏ ٻُڌي، درياھ ۾ ڪاھجي ڪُنن تائين پھچي ٿو. شاھ سائين انھيءَ ڳالھ جي منظرنگاري ھن طرح ڪئي آھي تہ:

اُيو تَڙ ميھار، مَلاحن سَڏ ڪَري،
آءٌ پڻ وِجھان ھَتڙا، اَوھين پڻ وِجھو ڄَار،
گھوريو ڪَارُونڀار، مَان مِڙنھون سُپرين.

سھڻي ٻُڏي وئي، اُن وقت ميھار درياھ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ:

تو ڪِيئن ٻوڙي سُھڻي، ٻيلي مُنھِنجي ٻَانھن،
دَرياھ توتي دانھن، ڏيندس ڏِينھن قِيام جي.

يا

وَاھڙ وَھين مَ شَال، سُڪي ٻيلاتيون ٿِئين،
پَسان تُنھنجي پيٽ ۾، لاڙِيُون لوٽ ليار،
جِيئن تو سيپ ڄَمار، آسَائِتيُون ٻوڙِيُون!

سھڻيءَ کي جيڪي بہ تڪليفون درپيش اچن ٿيون، سي سيئي قسمت کان ٿي سمجھي، ھُوءَ ڪنھن کي ڏوھ نٿي ڏئي، اھو سڀ ڪجھ پنھنجي مقدر ۾ سمجھندي چوي ٿي تہ:

نيڪاني نہ ڪانھن، نڪو ڏوھ قلم جو
انگ ايئي لکيو، جت نہ رسي ٻانھن
ڪنھن کي ڏيان دانھن، قضا قلم وھائيو!

ٻيا تہ نھيو پر سھڻي، ڏم لاءِ بہ ڪجھ نٿي چوي، جيڪو ڪيس روز ميھار جا مھڻا ڏئي جھليندو ھو انھيءَ لاءِ بہ گھٽ وڌ نہ ٿي ڳالھائي ۽ جنھن وقت ڪچو گھڙو پاڻيءَ ۾ ڳري ٿو وڃي، تنھن وقت بہ گھڙي کي

ڪا ميار نٿي ڏئي، نہ وري ڪيس پِنٿي پاراتا ٿي ڏئي تہ مون کي ٻوڙين ٿو، پر ازخود واتان نڪريس ٿو تہ:

نَڪو سَنڌو سُور جو، نَڪو سَنڌو سِڪ
عَدد نَاهہ عِشق، پُڄاڻي پَارُ لهي.

يا

گَهڙو ڀَڳو تہ گهوريو، پَاٽَان هو حِجاب،
وَاڄٽ وڄي وجود ۾، رهيو رُوح رَباب،
سَاهڙ رِيءَ صَواب، آءُ گهڻو ئي گهوريان!

گهڙي جي ڀڄڻ کان پوءِ سهڻي هيڪاري خوش ٿي ٿئي، ڪيس خوش ٿيڻ جو ڪو سبب هو هُن محسوس ڪيو هو تہ گهڙي جي مدد سان هُوءَ رات جو وقتي ميهار جو وِصال ماڻي سگهي ٿي، پر ڏينهن سارو جدائي ۾ رهڻو ٿي پيس، پر موت جي گود ۾ سدائين وصال ماڻڻ جو موقعو ملندس، اهڙو جيئڻ ئي گهوريو، جيڪو محبوب جو وڇوڙو ڏيکاري. سهڻي مزاجن ڳنڀير ۽ ڳوري آهي، پر سسئي ۾ دل جي اونهائي نظر نٿي اچي، هُوءَ سانڍيڻ نہ سکي آهي، سُر ڪوهياري ۾ سسئي چوي ٿي تہ:

حَقِيقَت هِن حَال جِي، جي ظَاهِر ڪَريان ذَرِي،
تہ لَڳِي مَاٺ مِرُن کي، ڏُونگَر پَون ڏَرِي،
وَڃن وَڻ ٻَرِي، اوڀر اُڀري ڪِينَ نہ ڪِي!

پنهنجن ڏکن سُورن جو پاڻ ئي اندازو لڳائي بين کي ٻڌائڻ، سُورمن ۽ سُورمين جو ڪم نہ آهي، محبوب جي ميلاپ لاءِ حال کان بيحال ٿيڻ، پچرڻ، روئڻ، پُڪارون ڪرڻ تہ عاشق جو ڪم آهي. سهڻي، ميهار جي محبت جو مينهن جي وَڇن سان حال اوري ٿي، شاهہ سائين هن طرح بيان ٿو ڪري تہ:

وَڃَن سِين وينِي، سُور وِياڇي سهڻي،
آن ڳاٺي ڏيني، مينهن جي ميهار سان!

شاهه سائين، سسئي جي ڏکن سورن جو بيان ڪري ٿو پر پنهنجن ڏکن سُورن جو پاڻ بيان ڪرڻ نٿو نهي، سهڻيءَ سيئي سُور سختيون صبر سان سهي وجي ٿي ۽ ٻاهر ٻڙڪ بہ نٿي ڪڍي، مگر سسئي ڪي ٿوري ئي تڪليف ٿي اچيس تہ دانهون ٿي ڪري، هُوءَ هڪ هنڌ چوي ٿي تہ:

ڏُونگَر مُون نہ ڏُکوءِ، آءٌ ڏُکوئِي آهيان،
سَاريان ڪونہ سکوءِ، سُور گهٽيئي سَيران!

مگر سهڻي خاموش آهي، سندس ڏکن سُورن جو بيان شاهہ سائين پاڻ ڪري ٿو ۽ ظاهر ٿو ڪري تہ درياهہ جي هيبتناڪ صورتحال جي باوجود بہ سهڻيءَ بنا ڪنهن ڏڙڪ جي ميهار جي محبت ۾ مست رهي، جو خوفناڪ ندي هن جي خيال ۾ بہ ڪانہ ٿي آئي، شاهہ سائين اهڙي خوفناڪ وايو منڊل جو نقش هن طرح چٽيو آهي تہ:

ڪَارِي رَات ڪَڇو ڳهڙو، اُٿِيهين اُوندَاهِي،
ڇَنڊ نَالو نَاه ڪو، دَرياهہ ڏڙ لائي،
سَاهڙ ڪَارڻ سهڻي، آڌيءَ ٿي آئِي،
اي ڪم اِلاهِي ناتہ ڪُنن ۾ ڪير ڪِهڙي!

يا

گهِران ڪري نہ گهور، تڙ تڪڙ ڪان نہ لهي
جنهن ڪي سِڪ سَاهِڙ جي، پُورن مَٿي پُور،
ڪاري رات ڪُنن ۾، وهن ڪي وهلُور،
جنهن ڪي سَاڻ پِريان جو سُور، تنهن ڪي ندي ناه نِگاه ۾.

يا

جِتان وَهي تِتَان وَاٽ، ڳپر پُڇن ڪُوڙيون،
جِن ڪي سِڪ سَاهڙ جِي، گهيڙ نہ پُڇن گهاٽ،
جِن ڪي عشق جي اُسَاٽ، سي وَاهڙ پَانئِين وِڪڙي!

منھنجي خيال ۾ شاهہ سائين جي سُورمي سهڻي سندس لاڏلي آهي، سهڻيءَ لاءِ چوي ٿو تہ:

ڀَاڻي ڀِنيءَ ٻوڙ سهڻي ليکي سِير ۾!

سسئي روئي رڙي ٿي، ۽ هوءَ ائين پڻ چوي ٿي تہ:

ڏَاگهن، ڏَيرَن ڏُونگرن تِنهِين ڏِنَم ڏُک،
سي سَڀ ڀَانيم سُک، هيڪاند ڳارڻ هوت جي.

سسئي جا دِلي جذبا اٽنر نہ هُئا. ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ هُئي، تہ ڪڏهن ڪهڙي ۾، ليڪن سهڻيءَ جي سِيرت مُنڍ کان وٺي، آخر تائين ڏيکاري ٿي تہ هُن جو پنھنجي پاڻ تي ضابطو هو. هُن ۾ صبر سان سُور سهڻ وارو سياءَ هو ۽ سسئيءَ ۾ دانهن ڪُوڪن، روج راڙي ۽ ورلاپن واري ڪيفيت ۾ تفاوت پڌرو آهي، سسئيءَ جي زبان تي رُڳو دانهون ئي دانهون آهن. سهڻي ۽ سسئي، شاهہ سائين ٻہ عورتون پيش ڪيون آهن، جن مان هڪ محبوب جي جُدائي جو سُور دل ۾ سانڊي وڃي ٿي، جنهن کي سهڻي چيو وڃي ٿو ۽ ٻيءَ ڪانڌ جي جُدائي جو سُور نہ سهي، وار چوڙي، پير اُگهاڙا ڪري، روج راڙو، پِٽڪو شروع ڪري نڪري ٿي پوي، جنهن کي سسئي چيو وڃي ٿو جيڪا پاڻ ٿي چوي تہ:

ڪُلهي ڦَاٽو ڪَنجرو، مَٿو اُگهاڙو،
پيئَر ڪُجَاڙو، مُنهِنجو هِن پَنيور ۾.

يا

ڪَندا مُون پيرن ۾، توڻي لَڪ لَڳن،
آڱر آڱوٺي نَہ مُڙي، چِڀُون پيرَ چِنَن،
وِيندي ڏَانهن پِرين، جُتي جَات نہ پَائِيَان.

هي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ سسئي کي خبر هُئي تہ پنهون ڪاڏي ويو آهي، پاڻ ٿي چوي تہ ڏيرن ڏاڍائي ڪري ڪانئس پنهون کسي ساٿس وهہ ڪيو! سنو ائين هو تہ پاڻ ترسي ڏِسي ها تہ پنهون پاڻهي ئي واپس اچي ٿو يا پنهون جي سچائيءَ جي ڪيس پڪ هئڻ گهرجي ها، عشق برابر انڌو آهي ۽ انسان کان هوش حواس کسي وٺي ٿو جڏهن عشق ايندو آهي تہ عقل پٺجي پري ٿيندو آهي، پر سسئي اُبهري بہ حد هُئي، ساٿس مائٽن مٽن جي تمام گهڻي همدردي بہ هُئي، اهڙي حالت ۾ ڪنهن ويجهي عزيز کي پاڻ سان وٺي نڪري پوي ها، ڪيس پنڌ وڃڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟ ڪنهن اُٺ گهوڙي تي چڙهي تڪڙو وڃي سگهي ها، ڪيس هيڏي هوڏي وڃڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هُئي، هُن کي پنيور سنڌ کان سڌو ڪيچ مڪران، بلوچستان وڃڻ گهربو هو صبح جو ڪيس معلوم ٿيو تہ پنهون ڪونهي، اڌ رات جو هن کي الائي ڪهڙي نموني سان پاٺر وٺي هليا ويا آهن، انهيءَ ٿوري عرصي ۾ هو ڪو گهڻو فاصلو ڪونہ ڪري ويا هوندا، جيڪڏهن سسئيءَ پنهنجي ويجهي عزيز سان گڏجي ڪنهن پلي مهري اُٺ يا پلي گهوڙي تي چڙهي وڃي ها تہ شايد رستي ۾ ئي پنهل کي پهچي سگهي ها، پيرن مان جُتي لاهڻ جي ضرورت ڪانہ هُئي، دل جي سچائي جو اظهار جسم کي ايذءُ ڏيڻ مان ڪين ٿو ٿئي، سهڻي، سسئي جي بلڪل ابتڙ ڪيو سهڻي چوي ٿي تہ:

گهر نہ وَر، نَہ وِٿ ڪَا، آهيم مَن ميهارَ،
ان اوسِيئَڙي اُٿيان، سَنجهي ڪَري سِينگَارَ،
پِرين تُنهِنجو پَار پَسَان مَان پَر گهين.

سھڻيءَ سمجھيو ھو تہ سندس جيڪو جسم ھو سو سندس نہ پر ميھار جو ھو ھن ڪڏھن بہ ھار سينگار ڪرڻ نہ ڇڏيو پلا ڇڏي بہ ڇو؟ جڏھن ميھار حال حيات ھو تيسين ڪيس ھار سينگار ڪرڻ جو ھر حق ھو ميھار سھڻيءَ جو پُتار بہ ڪونہ ھو ھوءَ آخر تائين زوري ڏنل مڙس ڏَم وٽ رھي، تنھن ھوندي بہ رات جڏھن ڏَم ننڊ پوندو ھو تہ ڪِسڪي ھار سينگار ڪري، پنھنجي محبوب ميھار سان درياھ پار ڪري ويندي ھُئي.

سسئي، پنھونءَ جي آڪاڻي، شاھ سائينءَ جي وڏي ۾ وڏي ڳُوتا آھي ۽ جنھن اَٿاھ شوق ۽ باريڪ بينيءَ سان ھن سسئي جي دِلي جذبن ۽ احساسن جو نقش چِٽيو آھي، اھڙو ٻيءَ ڪنھن بہ سُورميءَ جو نہ چِٽيو اٿس، شايد شاھ سائين جڏھن ڪيچ مڪران وڃي سسئي جي پيار جي ڪھاڻي ٻُڌي، تڏھن ئي سندس رُوح ريلو ڏنو ٿو ڏسجي، سسئي طرف سندس دل ڇِڪجي وئي، ھُن ڏٺو تہ جيئن پاڻ عشق ۾ اچي مُلڪ رُليو جھنگ، جبل، ٿر، بر رُليو تيئن سسئي پڻ ڀٽڪي، ٻنھي ساڳيا ماڳ، ساڳيا ھنڌ ڏِٺا، لڳي ائين ٿو تہ سسئي جڻ تہ شاھ سائين پاڻ ئي آھي، آھن سڀيئي سورميون، جيڪي شاھ سائين جا جدا جدا رُوپ آھن، پر سسئي جي پنھل لاءِ محبت ۾ مرشد لطيف پنھنجي پريت جو عڪس ڏٺو سسئي جون درد ڀريون دانھون ۽ پُڪارون شاھ سائينءَ جي جوانيءَ واري دل جي زندھ تصوير آھن، سسئيءَ جي بيتن پڙھندي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ سسئي ڪانہ ٿي روئي رڙي، پر شاھ سائين جي دل ٿي درد جون دانھون ڪري، ڪوتا جي رس ڪري، سسئي شاھ سائين جي ٻين سُورمين کان وڌيڪ اثرائتي آھي، بيتن جي ھينين سِٽن ۾ جو سوز ۽ شاعراڻي رواني نظر ٿي اچي سا حيرت ۾ ٿي وجھي، سسئي ڏاڍي درد مان چوي ٿي تہ:

ڏُونگَر ڏوراپو، ڀِرو چَندِيَس پِرينءَ کي،
ڀَڄڻ پيرَ پِٺون ڪَيا، تِريون ڇِنيون تو
رَحم نہ پيئي رُوح ۾، قدر مُنهنجو ڪو
وَاڪا ڪَنديَس ووءِ! مُون سِين جَبَل تو جَاڙُون ڪَري

يا

ڏُونگر ڏُکوَبَن کي، دِلاسَا ڏِجَن،
گهڻو پُڇجي تِن کي، جِن وَٽان هوت وَڃن،
ٽُون ڪِيئَن سَنداتِن، ڀِڄڻ! پير ڏُکوئين.

اهڙن بيتن پڙهندي حيرت پئي ٿئي، ايئن پيو لڳي، ڄڻ سسئي بہ شاعر هُئي! يا سندس پاران شاهہ سائين پيو ڳالهائي. سسئي ويچاري پنهل جي پٺيان رُلندي رهي، هلندي هلندي آخر ڪنهن غلم ۾ دبجي وڃي ٿي، هن سڄي ڪهاڻيءَ ۾ فقط سسئي جي لُڇ پُڇ ۽ جُستجوءَ جو ذڪر آيل آهي، جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

سَاجن ڳَارڻ سُڄ، مَر قبولي سسئي،
اَندر جِنين اُڄ، پاڻي اُڃيو ان کي!

جيئري هوندي تہ پنهل جي ڳولا ڪندي رهي، پر مُئي کان پوءِ بہ رُوحاني طرح پنهل جو پُڇندي رهي، جنهن لاءِ شاهہ سائين هن طرح ٿو ٻڌائي تہ:

مُنڪَر ۽ نَڪِير کي، جڏهن ڏِنائِين،
اَڳيان اُٿي اُن کان، پنهون پُڇيائِين،
اَدا! اتهائين ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو.

يا

مُنڪَر ۽ نَڪِير اَچي، سُتي جَاڳَائِي سسئي،
ٿِي ٻوڙائي دليل، تہ پنهون ماٺهو موڪليو.

سهڻي ايترو ڪانہ ٿي ڳالهائي، جيترو سسئي ٿي ڳالهائي، سُر سهڻيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جو گهڻو حصو شاهہ سائين پاڻ ڳالهائي ٿو ليڪن سسئي- پنهونءَ جي آڪاڻيءَ ۾ سسئي پاڻ ٿي ڳالهائي، اها فطري ڳالهہ آهي تہ ماڻهو پنهنجن ڏُکن سُورن جو پاڻ نڪيندو آهي، اهو وڏيڪ اهميت وارو ۽ دل پڄائيندڙ ٿيندو آهي. شاهہ سائين سهڻي ۽ سسئي کي ظاهري مشابهت ڏئي هڪ صف ۾ آندو آهي ۽ ٻئي ڄڻيون سالڪ بنجي، پنهنجن محبوبن جي جُستجو ڪندي، پنهنجي حياتي قربان ڪن ٿيون. شاهہ سائين سهڻي ۽ سسئي ٻنهي سُورمين ۾ فرق اهو ڏيکاريو آهي تہ سهڻي سُور سختيون، صبر سان ٿي سهي، هو همت حوصلي واري آهي، پنهنجن ڏکن سُورن جون ڳالهيون اندر جو اندر ۾ سانڍيو، سهڻيءَ جي سيرت منڊ ڪان آخر تائين ڏيکاري ٿي تہ هن جو پنهنجن جذبن تي ضابطو هو ۽ هر حال ۾ صبر جو دامن جهليو آئي، سسئي جا دِلي جذبا هڪ جهڙا نہ هُئا، ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ هُئي تہ ڪڏهن ڪهڙي ۾. شاهہ سائين پنهنجون ٻہ سُورميون پيش ڪيون آهن، هڪ سهڻي، جيڪا پنهنجي محبوب جو سُور دل ۾ سانڍيو ٻي سسئي، جيڪا ڪانڌ جي جُدائيءَ جو سُور سهي ڪانہ سگهي ۽ حد درجي جي اُٻهرائي ڪيائين، جيتري گهڻي اُٻهرائي ڪيائين، اوترا گهڻا سُور اچي سامهون ٿيس!

✦

# ليلا ۽ مومل

ليلا ۽ مومل ٻئي راجائي گهراڻن مان آهن. سسئي ڏوتا ڪپڙا تہ سهڻي ڪُنڀارڻ، جنهن وِڪيا نڪر جا ٿانوَ ليڪن ليلا ۽ مومل تہ وِرلي ڪو پلنگ تان پير هيٺ لاٿو هڪ هُئي چنيسر جي پٽ راڻي تہ ٻي هُئي راجا نند جي نياڻي، جنهن جو همير سومري جي وزير ۽ سالي راڻي مينڌري سان نينهن جو ناتو ٿيو. سندن خدمت چاڪريءَ لاءِ ڪيئي ٻانهيون داسيون حاضر هُيون، سسئي پاڻ ڪي سڏيو پنهون جي ناتو مگر ناتو جهڙيون تہ ڪئين ٻانهيون مون جي خدمت ۾ هُيون، ليلا پنهنجي مان شان جو بيان ڪندي چوي ٿي تہ:

وَڏيري هُياس، چَنيسَر جي رَاج ۾،
دُهلين، دَمامين، نقرين ٿي پلپل پُڇياس.

مومل ۽ سندس ڀينرن جي راجائي هلت چلت ۽ نٺ ٺانگر جو شاهہ سائين نقش هن طرح چِٽيو آهي چوي ٿو تہ:

سُورن وَرنيون سوڍيون، رُوپي رَانديون ڪَن،
آڳر اوطاقن ۾، ڪَتُورِيُون ڪَتَن،
اوتيائون عَنبِير جَا، مَٿي طَاق ٽَڙَن.

يا

جَهڙا پَانن پَن، تَهڙيون شَالون مَٿن سَائِيُون،
عَطر ۽ عَنبير سِين، تَازا ڪَيائُون تَن،
مَڙهيائون گَهڻو مُشڪ سِين، چوٽا سَاڻ چَندن،
سُونهن گَهڻو رُپي سَون سِين، سَندا ڳَامڻ ڳَن.

ليلا ۽ مومل جي سِيرتن مان شاهہ سائين ڏيکاري ٿو تہ جيڪي انسان ڀوڪي ٿو سو ئي لُٽي ٿو. هنن جي سِيرت ئي هنن جي قسمت آهي، هنن ٻنهي برابر ڪجهہ عرصي لاءِ ڏُهاڳ جا ڏُک ڏٺا، پر اهي سڀ سندن خطائن جو نتيجو هو. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان هي ٻئي جٽيون پڻ پنهنجن وَرَن جي وِصال لاءِ ٻاڏائين ٿيون، پر سندن پُڪارڻ، ٻاڏائڻ ۾ ايترو تاثير ڪونهي ڪو. سهڻي ۽ سسئيءَ جي درديلن داستانن پڙهندي جو سوز دل ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ جيڪو رحم ۽ قياس جو ذور بہ پڙهندڙ جي اندر ۾ آهي تہ اکين مان بہ ڳوڙها ضرور ڳاڙي ٿو. سهڻي ۽ سسئي جي سُورن پُورن جو سبب سندن صداقت هُئي، مالڪ حقيقي پنهنجن پيارن کي ڏکن جي ڪسوٽيءَ ۾ وجهي سندن پرک ڪندو آهي، گُنهگارن جون دانهون پُڪارون پڙهندڙن جي دلين کي ايترو نہ پِڃائينديون، ليلا ۽ مومل جي اکين جا لُڙڪ پڇتاءُ جا لُڙڪ آهن ۽ پڇتاءُ جي ڳوڙهن سان هُو پنهنجن گناهن جو داغ ڌوئڻ چاهين ٿيون! ليلا ۽ مومل جي ڳالهين دوران شاهہ سائين ٻن نمونن جي سالڪن جو بيان ڪري ٿو. جن کي هڪ ڀيرو مالڪ جو ميلاپ نصيب ٿيو آهي، پر وري پنهنجن اعمالن ۽ افعالن سببان ساڃي مالڪ جو رنج رسامو پسڻو پيو اٿن. ليلا، چنيسر جو ناراضپو ڪنيو تہ مومل کي وري راڻي دليئون لاهي ڇڏيو. ٻنهيءَ جا گناهہ هڪ جهڙا ڪونہ هُئا. ليلا هيري تي هرکجي چنيسر کي هار لاءِ وِڪيو هار جي موتين جي چمڪ ڏمڪ ۽ چتساليءَ هن مت جي مُوڙهيءَ کي اهڙو تہ لالچ ۾ وِجهي مست ڪيو. جو هوش وِڃائي هار هٿ ڪرڻ لاءِ هڪ ڏاري زال کي پنهنجو سون جهڙو وَر هڪ رات لاءِ ڏنائين. ليلا جي هن هلت چنيسر جي چِت کي اهڙي چوٽ رسائي، جو هن ڪاوڙ ۾ اچي ڪؤنروءَ کي پٽ راڻي ڪيو. مومل

اهو گناهہ ڪيو، جو راڻي جي زنده هُوندي، هن جو وڇوڙو برداشت نہ ڪري، سندس غير حاضريءَ ۾ پنهنجي پيڻ سُومل کي مردانا ڪپڙا پارائي، ڪيس پاڻ سان سُمهاري دل وندرايائين. سبحان الله شاباس تہ هُجي سسئي کي، جنهن پنهل پنيان رڻ رُلندي، جبل جهاڳيندي سِر ڏنو! پر ڪڏهن بہ ٻيو خيال دل ۾ نہ آندو سسئي- پنهونءَ جي پيار ۾ اوچن بسترن ۽ زيورن جو ڪو خيال نہ ڪيو، هن سڀ ڪجهہ پنهون کي ئي سمجهيو. ليلا وري زيور جي زيب تي موهجي، وَر وِڃايو. شاهہ سائين ليلا ۽ مومل جي سِيرتن مان اهو ظاهر ڪيو آهي تہ جنهن انسان دنيا ۾ ڪُجهہ سَنو ئي ناهي، سو ڪنهن بہ اعليٰ ڪم جي لائق نٿو بڻجي. ڏک ئي آهن، جيڪي انسان کي سچو انسان بڻائن ٿا. ڏک هڪ نموني جو سانچو آهن، جنهن ۾ گهڙجي انسان پورو رُوپ اختيار ڪري ٿو.

يعني انهيءَ انسان ۾ انسانيت اچي ٿي، جنهن ۾ انسانيت نہ آهي، سو انسان جي رُوپ ۾ جانور آهي، پوءِ جانور ۾ ڪُتو ٻِلو سُوئر، ٻَگهڙ وغيره اچي وڃن ٿا. پوءِ انسان ڪهڙي بہ جانور جو ڪرتب ڏيکاري سگهي ٿو. انهي ڪري انسان کي ڏُکن مان لنگهي پوءِ سُکن ۾ اچڻ ضرري آهي، ليلا پاڻ چوي ٿي تہ:

هُيس هِندورن ۾، پِيَم ڳانہ پَروڙ!

هڪ خاص ڳالهہ جنهن جو اسان کي ڌيان لهڻو آهي، سا هيءَ آهي تہ، عام طرح سان ليلا ۽ مومل واريون آکاڻيون ٻُڌڻ ۾ ايندڀون آهن، تن جون رِٿائون شاهہ سائين جي سُر ليلا- چنيسر ۽ سُر مومل- راڻو کان ٻئي نموني جون آهن. شاهہ سائين، جا آکاڻي ٻُڌي هُئي، ساهن طرح هُئي تہ، جڏهن چنيسر، ليلا کي دل تان لاهي ڇڏيو ۽ ڪؤنروءَ جو قُرب ڏسي مٿس موهجي پيو ۽ ساڻس سُک جا ڏينهن

گذارڻ لڳو. تڏهن ليلا ڏُهاڳ جا ڏُک سهندي پيڪي گهر موٽي وئي، پوءِ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن جکري جي معرفت، جو ليلا جي ڪٽنب مان ڪنهن ڇوڪريءَ سان مڱيل هو، چنيسر کي ليلا جي وطن اُن شاديءَ ۾ آندو ويو، جتي ليلا ڏاڍا هار سينگار ڪري، گُهونگهٽ پهري ڏاڍي ناز نخري سان چنيسر جي اڳيان اچي نچڻ شروع ڪيو، نچي بہ اهڙي، جو چنيسر مٿس موهجي پيو ۽ کيس گُهونگهٽ لاهڻ لاءِ منٿون ڪيائين، ليلا چنيسر جي مِنٿ ميجي گُهونگهٽ جو لاٿو تہ پنهنجي اڳيان پنهنجي اڳين پٽ راڻي ليلا کي ڏٺائين، ۽ هن کي ڏسندي ئي سندس دل ٽُٽي پئي ۽ دم ڏٽيءَ حوالي ڪيائين، پر شاهہ سائين سُر ليلا- چنيسر ۾ ڏيکاري ٿو تہ ليلا پنهنجي وطن موٽي ڪين وئي، هُوءَ اُتي ئي رهي پئي، چنيسر کي ايتريون منٿون، ميڙيون آزيون نيازيون ڪيائين، جو چنيسر کيس معاف ڪري وري جيءَ ۾ جاءِ ڏني، ليلا، چنيسر کي ڪيئن هٿ ڪيو؟ عام آکاڻيءَ ۾ ڄاڻايل آهي ناچ گاني ۽ ناز نخري سان، مگر شاهہ سائينءَ جو خيال اُن جي اُبتڙ ٿو ڏسجي، سندس خيال آهي تہ ناز ڪري تہ ليلا چنيسر وِڃايو هو، ليلا جو نخرو ۽ ڇِلولائي هُئي، جنهن کيس سهاڳ جي سيج تان لاهي، ڪيرائي، ڏُهاڳ جا ڏک ڏيکاريا، سو ڪيئن اُن ساڳي نخري ناز سان هوءَ چنيسر هٿ ڪندي؟ اها تہ عقل جي ڳالهہ نٿي لڳي! شاهہ سائين کي هن آکاڻيءَ ۾ پڇتاءُ جو درجو ڏيکارڻو هو، جنهن ڪري ليلا جي واپس مُلڪ موٽي وڃڻ وارو واقعو ڇڏي ڏنو اٿس، شاهہ سائين ڪو رواجي شاعر ڪونہ هو. بيشڪ لطيف اسم با مسميٰ هو، جهڙو هو سندس نالو تهڙو ئي پاڻ لطيف هو، هو عبداللطيف هو. پاڻ پنهنجن بيتن لاءِ چوي ٿو تہ:

جي تو بَيت ڀَانئيا، سي آيَتُون آهِين
نِيو مَن لاَئِين پِريَان سَندي ڀَار ڏي

هر ڪنهن اعليٰ قسم جي شاعر جا بيت آيتون ٿين ٿيون. شاهہ سائينءَ کي خبر هُئي تہ مان ڇا ٿو لکان ۽ جيڪي لکان ٿو اُن ۾ ڪهڙا راز رکيل آهن. اِئين برابر آهي تہ شاهہ سائين جڏهن خوب مستيءَ ۾ ايندو هو. تڏهن رقص ڪندي اچي شاعريءَ ۾ پلٽبو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ رُئندو بہ هو. مگر اُن بيروني بي سُرتائيءَ اندر اندروني بيداري موجود هوندي هُئي. جنهن سندس ڪلام کي الهامي آواز بڻايو ٿي. جيڪڏهن چنيسر هڪ اڻ واقف ڇوڪريءَ جي ناچ تي هِرڪجي پيو تہ اِهو چنيسر جي سِيرت ۾ هڪ وڏو عيب وڏو ليکبو. شاهہ سائين انهيءَ کي بہ پنهنجي رٿا مان ڪڍي ڇڏيو آهي. شاهہ سائينءَ جي ليلا جو درجو عام آڪاٽيءَ واري ليلا کان هزار ڀيرا مٿي آهي. شاهہ سائينءَ جي ليلا ۾ دِل جي سچائي آهي. چنيسر بنا هن جو جيئڻ جنجال هو ۽ جيڪڏهن چنيسر کي ريجهائڻو هُئس تہ اهو ڪم سندس چنيسر جي در تي رهڻ مان ٿيڻو هو ۽ نہ وطن موٽي وڃڻ مان. ٻيو تہ جيڪڏهن جکرو، ليلا جي ڪُٽنب مان مڱيل نہ هُجي ها. جي اهو اتفاق نہ ٿئي ها تہ ليلا ڪيئن چنيسر کي مِلي ها؟ عام آڪاٽيءَ واري ليلا جڏهن پيڪين وڃي ٿي، تڏهن ڪيس اها ڄاڻ ڪانهي تہ جکري جي معرفت چنيسر هٿ ڪنديس. هوءَ تہ دِل پلي وڃي ويهي رهي، اهو بي پرواهيءَ جو اظهار آهي. جو شاهہ سائينءَ جي ليلا ۾ نظر ئي نہ ايندو. هار تي هرڪجي ليلا پاڻ کي اڳ ۾ ئي سرتين ۾ مهٽي هاب ڪرايو هو. شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

اَچئو اَچئو اَڳلي، چَئي لَيلا کي لوڪ،
اَندر اوپالن سِين، سَاڙي گَيانئس سوڪ،
ٻَالا پڻ جو ٻوڪ، ويو ويچاريءَ وسري.

۽ وري جي لاغرض بنجي پيڪين هلي وڃي ها تہ ڪنهن جو بہ رُوح ڏانهس سَٽ نہ کائي ها. هن لاءِ اهو ضروري هو تہ چنيسر جو در نہ ڇڏي. شاهہ سائينءَ جي ليلا مٽيي تي موهجي، چنيسر برابر وِڪرو ڪيو. پر ساڳي وقت چنيسر سندس دل جو شهنشاهہ ئي رهيو. هن بنا هڪ گهڙيءَ گهارڻ بہ هُن لاءِ مجال هُئي. پهرين هن سمجهيو تي تہ هار کٽيندس، هوڏ ۾ نيبهہ ٽيندو. پر پوءِ جنهن وقت ڏٺائين تہ هار ڪي هٿ لائڻ معنيٰ چنيسر جي جُدائيءَ ۾ جلڻ. تنهن وقت وڏي افسوس مان چيائين تہ:

مَٽيُون وِجَهان مَڇ ۾، هَاٽي هَاٽان هَار!

شاهہ سائينءَ جي ليلا لاءِ چنيسر يا موت ٻي ڪا ڳالهہ هُن جي من ۾ هُئي ئي ڪانہ. پوءِ پيڪين ڇو وڃي؟ عام آکاڻيءَ وارا ڪي واقعا ڪڍي پوءِ شاهہ سائين پنهنجي ليلا کي اوچو درجو عطا ڪيو آهي. حقيقت ۾ شاهہ سائين هن کي پنهنجن خيالن جو عڪس بڻائڻ ٽي چاهيو. شاهہ سائين جي ليلا ۾ عقلي عنصر موجود آهي. شاهہ سائين سمجهيو تہ ههڙي خطا کائڻ کان پوءِ ليلا جو وري چنيسر اڳيان ناز نخرا ڪرڻ، سندس بي عقلي ٽيندي، هتي هُو پڇتاءَ جو احتياط ڪرڻ. شاهہ سائينءَ جي ليلا ۾ صبر آهي، سهڻ گهڻ آهي، چنيسر جي پلائي ڪرڻ ۾ مڪمل ايمان ۽ مڪمل اُميد اٿس. اهو آسرو ئي آهي، جنهن جي

آڏار تي هوءَ چنيسر جي چاڻئٺ تان نٽي اُٿي، بس سندس در جهليو وېٺي آهي ۽ کيس اِلتجا ڪندي چوي ٿي تہ:

دَاغ تُنهنجو دَائِما، مَاري مَعذُورِيَن،
سَائِين ڪَارڻ سُپرين، وَيجح مَ ڏورين،
آءٌ تو حُضورين، مَٽيو وِجهان مَچ ۾.

يا

جي مُون مُوڙهي مَت، تہ تُون سُجاڻِج سُپرِين،
اَصل اَوايَن جَا، عَيب ڍَڪين تُون اُت،
اِيءُ پَر تُنهِنجي پَت، جِيئن وَلهيون ڍَڪين وَلهَا!

مارئي جي سِيرت جهڙا گُڻ، عام آکاڻي واري ليلا ۾ نظر ئي نہ ايندا، شاهه سائينءَ جي آکاڻين جون ترتيب ڏنل رِٿائون ڪي من گهڙت ڪين آهن، سڀ جون سڀ بڌل ڳالهين تي ٻڌل آهن، مگر اُڏاري ورتل لوهه کي پنهنجي شخصيت جو پارس لڳائي نِج سون ڪيو اٿس، جڳهہ جي سُونهن سوڀيا ۽ پرڪشش بنائڻ لاءِ جنس جو حقدار رازو ئي ٿئي ٿو ۽ نہ اُهو جنهن سِرون ڍويون يا ريتي سيمينٽ ملائي مسالو ناهيو، شاهه سائين هينئين بيت ۾ ليلائڻ متعلق سٺي ۽ سهڻي هدايت ڏني آهي تہ چنيسر کي ليلائڻ جو ليلا کي هي انداز اختيار ڪرڻ گهرجي تہ:

ڪُوڙيون تُنهِنجون ڳَهاٽيون، تُون ڪُوڙيَن سَندو ڪَانت،
مُون کي چَڏ مَ دَاسِڙا، تَہ وَجان نَہ وَڙ وَاند،
مُون ڳِچيءَ پَاند، تو چَنيسَر هَٿ ۾.

يعني ليلا چوي ٿي تہ آءٌ ڳچيءَ ڳل پاند پائي بيٺي آهيان، جو تنهنجي هٿ وس آهي، تنهنجون ڪيتريون ئي راڻيون آهن، تون

ڪيترين جو ڪانڌ آهين، آءٌ تہ تُنهنجي گولي غلام ۽ داسڙي آهيان، تون تہ منهنجي رُوح جو راجا آهين، پلائي ڪري مون کي نہ وِسار نہ تہ آءٌ رُلي ويندس، معنيٰ مفهوم جي لحاظ کان شاهہ سائين چنيسر ڪنهن کي چيو آهي؟ چنيسر ڪير آهي؟ سو هر ڪو اهل دل زي فهم حق جو طالب، سچ جو متلاشي، بخوبي سمجهي سگهي ٿو تہ هي چنيسر، اُهو چنيسر جو بادشاهن جو بادشاهہ ۽ شاهن جو شاهہ آهي، جنهن جو راز، جنهن جو راضپو حاصل ٿيڻ طالب جي نيت خلوص، عجز ۽ انڪساريءَ تي ٻڌل آهي، جڏهن حق سچ جو طالب، دنيا داريءَ جي موهہ تي موهجي، ليلا پٽ راڻيءَ وانگر چنيسر جي راز ۽ راضپي جو قدر ئي نہ ڪري ۽ پنهنجي دل جو ڳانڍاپو وڃيو ڏنوي نئون لکن، هارن، هيرن، جواهرن، مٽين موتين سان گنڍي تہ اهڙا بي قدرا، لالچي ۽ غافل طالب، چنيسر جي نگاهن ۾ ڪِرن ٿا ۽ سندس عنايتون ۽ عطائون وڃائي ٿا ويهن ۽ چنيسر اُنهن کان منهن موڙيو ڇڏي، موٽ ۾ چنيسر بي نياز ۽ بي پرواهہ پنهنجي راز ۽ راضپي جي ورڪا چو نہ ڪؤنروءَ جهڙي فطرت رکندڙ تي ڪري، جنهن چنيسر جي هڪ رات جي چاهت اڳيان نَو لکو هار تِڇ سمجهيو ۽ اُن جي محبت مٿان گهوري ڇڏيائين ۽ ليلا سهاڳڻ مان ڏهاڳڻ بنجي رت رُئندي رهي، ان ڏس ۾ شاهہ سائينءَ جو تصور ۽ تخيل نظريو يا فلسفو يا روحاني هدايت هي آهي تہ چنيسر کي طالب جي سچي محبت گهرجي، طالب کي گهرجي تہ هو چنيسر سان سڌو پريت جو پيچ پائي، ڪنهن بہ جکري يا مرڪيءَ کي وچ ۾ نہ آڻي، پنهنجون غلطيون يا خطائون دل سان تسليم ڪري، لُڇي ۽ تڙپي عجز ۽ انڪساري ڪري، اُن پڇتاءُ جو کُليءَ دل سان اظهار ڪري، توبهہ تائب ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ پڇتائيندڙ ليلا کي چنيسر هميشہ

لاءِ حاصل ٿيو پوي! ڏسو اهڙي روحاني ڪاميابي جي ڪُنجي مرشد لطيف هڪ حق جي طالب کي هن طرح ڏئي رهيو آهي، چويس ٿو تہ:

جي لِيلائي نہ لَهين، تان پڻ لِيلائيج،
آسِرو مَ لاهيج، سَڄَڻ سَڀاجهو گهڻو!

جيئن ليلا چنيسر جي پڇاڙي هرڪ هلاس واري آهي، ۽ سُر مومل راڻو پڻ ساڳي رِتا جو آهي، راڻي جو اوچتو مرڻ ۽ مومل جو چِکيا تي چڙهڻ وارا واقعا شاهہ سائين رِتا مان خارج ڪري ڇڏيا آهن. مومل کي ليلا وانگر پڇاڙيءَ جي بيتن ۾ شاهہ سائين دِلاسو ڏئي چوي ٿو تہ، آجيان لاءِ تياري ڪر، راڻو ٿو اچئي! جهڙيءَ طرح ليلا پڇتاءُ ڪري هارايل بازي کٽئي، تهڙي طرح مومل پڻ راڻي کي آزي نيزاري ڪري سندس وِڇايل پيار وري کٽي ورتو. ٻنهي ڪهاڻين ۾ ائين ڪرڻ سان ئي شاهہ سائين پنهنجو مطلب حاصل ڪري ورتو آهي، جيڪڏهن شاهہ سائينءَ جي مومل نا اميد ٿي پاڻ کي چِکيا تي چاڙهي ساڙي ها تہ اِهو مطلب نڪري ها تہ ڏٽي تعاليٰ وٽ سچي پڇتاءُ جو ڪو قدر ئي ڪونهي. شاهہ سائينءَ کي ڏيکارڻو هو تہ جيتوڻيڪ خدا رياڻو آهي تہ بہ سڄڻ ڀاڄهارو گهڻو، پڇتاءُ اها سوني چاٻي آهي، جا سچ جي سهڻي محلات جو دروازو کولي ٿي، شاهہ سائين پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي تہ دل سان سچي توبهہ ڏٽي وٽ اگهامي ٿي ۽ انسان کي بخشش ملي ٿي، عام آکاڻيءَ جيان شاهہ سائين ڪِٿي بہ ليلا ۽ مومل جي مرڻ جو ذڪر نٿو ڪري، سُر سهڻيءَ ۾ شاهہ سائين بلڪل کُليل لفظن ۾ ٻڌائي ٿو تہ سهڻي درياهہ ۾ ٻُڏي مُئي، ڳانڌي ڳنگ ٿِياس:

ٻَگها جي ٻيٽن جا، ڪُلها تِن ڏِنَاسُ،
اَکين مُلڪ ڏِنَاس، توءِ مَن ڳاڍو ميهار ڏي!

تہ ڪَر ڪِيئن سَسئي جِي سَيِر نہ گِهڙي سُهڻي،
هيت حَياتيءَ ڏِينهَڙا، هڏهن تان نہ هُئي،
چُڪيءَ تنهن چري ڪئي، جو ڏنس اُن ڏهي،
سهڻيءَ ڪي سيد چئي وڏو قرب ڪُهي،
هنئهين هُوند مُئي، پر ٻُڏيءَ جا ٻِيڻا ٿِيا.

شاهه سائين سسئي جي موت جو سڏي طرح نٿو ٻڌائي اڻ سڏي طرح چوي ٿو تہ:

مُنڪَر ۽ نَڪِير ڪي، جَڏهن ڏِنائين،
اَڳيان اُتي اُن ڪي، پُنهون پُڇيائِين،
اها اتائين، ڪو ويو سَاٿ سَجَڻ جو!

يا

اَچي عِزرائِيل، سُتي جَاڳَائي سسئي،
ٿِي ڊوڙائي دِليل، پُنهون ماڻهو موڪليو.

انهيءَ جو مطلب اِهو ٿيو تہ سسئي جو موت، پُنهونءَ جي مِلڻ کان اڳ ٿيو آهي، جو ملائڪن کان گُم ٿيل پنهل جو پئي ٿي پُڇي، سورٺ جي باري ۾ شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

سورٺ مُئي سُک ٿِيو، خِيما هَنيا کَنگهار!

ليڪن سُر ليلا چنيسر ۾ سُر مومل راڻو ڄاڻي ٻُجهي سُکن جي پچاڙي بڻايا اٿس، اهو قدم، جيڪو شاهہ سائين کنيو آهي، شايد ليلا ۽ مومل جي سيرتن کي مڪمل ڪرڻ ۽ ادبي اُصولن جي پيروي ڪرڻ لاءِ سُورمي ۾ سُورميءَ جو موت اهڙو تہ خاص واقعو آهي، جو لِکندڙ اُن کي نظر انداز ڪري نٿو سگهي، ائين برابر آهي تہ شاهہ سائين سڄي آڪاڻي نٿو ڏئي، پر انهيءَ جو مقصد اِهو نہ آهي تہ، جيڪي وِٽيو اٿس،

سو ڇڏي ڏنو اٿس، ڪيس ادبي مطلب کي نظر ۾ رکڻو ٿي پيو. مان ڪو وڏو ليکڪ ڪونہ آهيان، جو هن تي وڏي ٽيڪا ٽپڻي ڪريان، مُنهنجي هڪ ادنيٰ راءِ آهي تہ، شاهہ سائين اِهو قدم اُن ڪري کنيو آهي تہ جيئن ادبي خواهہ تمثيلي مطلب حاصل ٿي سگهن.

ليلا جهڙي نخريلي ۽ هلڪي سياءُ واري عورت ۾ پڇتاءُ جي ذريعي شاهہ سائين ڪيترو نہ ڦيرو آندو آهي! هن جي سِيرت نگاري ڪهاڻيءَ جي مُنڍ کان وٺي پڇاڙي تائين هڪ جهڙي نہ آهي، آخر ۾ ليلا جي سيرت ۾ جيڪا تبديلي اچي ٿي، سا ڪيس ڳوري ۽ ڳنڀير بڻائي ٿي، جا ڪهاڻيءَ جي رِٿا ۾ ڪنهن وقت هڪ ڦلڙهي طبيعت واري عورت هُئي، تنهن جي واتان شاهہ سائين ڪهڙا نہ قيمتي ٻول چورائي ٿو، هُوءَ چوي ٿي تہ:

اَلا ڏَاهِي مَ ٿِيَان، ڏَاهيُون ڏُک ڏِسَن،
مُون سِين مُون پِرين، ڀورائِيءَ ۾ ڀَال ڪَيا.

پهرين جڏهن ليلا کي معلوم ٿو ٿئي تہ چنيسر ڪؤنروءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ڪيو آهي ۽ کيس من جي مندر مان نيڪالي ڏئي تڙي ڇڏيو اٿس، تڏهن سمورو ڏوهہ چنيسر مٿان مڙهي ٿي ۽ پنهنجي غلطيءَ کي نظر انداز ڪري، پنهنجي ڪانڌ جي سچائيءَ ۾ شڪ ٿي ڪري، هُوءَ پنهنجي شڪ جو اظهار هن طرح ٿي ڪري تہ:

چَنيسر جِي چِت ۾، ڪِين جو اَڳ هو
تِهَان پوءِ ٿِيو، مَٽِيي تي مَامِرو!

پر پڇاڙيءَ ۾ اُها ساڳيءَ ليلا آهي، جيڪا سوچي ٿي، سمجهي ٿي ۽ پروڙي ٿي تہ اَجاين ڏوراپن مان ڪجهہ ناهي ورڻو هٺ ۽ وڏائي ڇڏي، هوءَ کُليءَ دل سان پنهنجي پشيمانيءَ ۽ پڇتاءُ جو اظهار ڪندي چوي ٿي تہ:

ڍولا! ڍيل مَ مُون، ڳانڍ ڳِميٺي آهِيَان،
سِڪ ٺُنهِنجِي سُپرين، پيري وِڏيس پُونِءِ،
مُون وَرِٺُونهين ٺُون، تو وَر وَلهيون ڪيتريون!

ساڳي ريت مومل بہ راڻي کي منٿون ميڙون ڪري چوي ٿي تہ:

مِيَان ميندڙا موٽ، بَخش ڪَر بُڇائِيون،
ٺُون گَهٽَن جو گهوٽ، مُون وَرِٺُون هيڪڙو!

يا

سوڍا سُور سِڪائِيُون، اَکيون آب نَہ ڳَن،
راڻي جِي رِهَاڻ کي، وَروٽِيو وَڃَن،
سي ڪِيئَن ميندڙا مَڃَن، جي تو سُوريءَ چاڙهيون.

مومل ۽ ليلا وانگر سهڻي ۽ سسئيءَ پڻ محبوبن کي سڏيو، پُڪاريو، مگر مومل ۽ ليلا محل ماڙين ۾ ويهي سڏيو پُڪاريو. سسئي گهر ڇڏي جهر جهنگ رُلي، جبل جهاڳيا ۽ پير پٿون ڪيا. پنهل لاءِ سهڻي وري درياهہ جي لهرن ۾ لُڏندي ميهار ميهار پُڪاريو. ليلا پيڪن ڪانہ وئي، چنيسر جي گهر جي چائونٽ تان نہ چُري. ڪيس مِنٿون ميڙيون ۽ آزيون نيزاريون ڪندي رهي ۽ مومل وري ڪاڪ محل ۾ رهي راڻي جي راهہ نهاريندي رهي. راتين جون راتيون جاڳي ڏينهن ڪيا. شاهہ سائين مومل کان هن طرح چورايو آهي تہ:

ڏِيئا تيل ڦُليل جا، ٻارِيَم ٽائِين ٻانگ،
وَٽ سوريندي وَلها، وِئو تيل ٻرِي،
موٽ مُسافر سُپرين، چَانگي تي چَڙهِي،
راڻي لاءِ رَڙِي، ويئي وِهَامي رَاتڙِي.

اها ڳالهہ مڃڻ جهڙي آهي تہ واقعي مومل تيل ۽ ڦُليل جا ڏِيئا محلات ۾ ٻاري، راتيون گذاريون هونديون، پر ڏِيئا ڪٽي رستن تي ڪانہ نڪتي هوندي، شاهہ سائين ٻي هنڌ وري مومل ڪان چورائي ٿو تہ:

رُئان تِي رَاٽا، هَنڌ نِهاريو حجرا،
پيئي کِهہ کَتن تي، تِيا پَلَنگ پُراٽا،
ڌريائي ڌُوڙ تِيا، وَريءَ وِهاٽا،
جَايُون ڳُل جبات، وَڻ توري ڪُوماٽا!

جنهن ڪمري ۾ هوءَ راڻي سان رهي، جنهن پلنگ تي پنهنجي محبوب مينڌري سان ليٽي، جنهن وِهاڻي تي ساٿس گڏ منهن سان منهن مِلائي ڪنڌ رکيائين، جن ڪاڪ جي باغيچن ۽ پارڪن ۾ سوڍي سان سير ڪيائين ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي گُهمي ڦِري، تن ۾ جا تبديلي آئي آهي، تن جو مومل ذڪر ڪري ظاهر ٿي ڪري تہ هن راڻي لاءِ ڪاڪ ۾ رهي رُنو جيتوڻيڪ ائين آهي تہ مومل، راڻي جي پٺيان سندس وطن ڪانہ وئي تہ بہ هُن جي جدائي ۾ چين ڪين آيس، محلات ۾ رهي، پر محلات هن لاءِ عذاب مثل هو، هو دل جي ڪيفيت ظاهر ڪندي ٻڌائي ٿي تہ:

ڪَاڪ ڪَڙهِي، وَڻ جَليا، جَلِي مُنهِنجِي جَان!
پس تو شڪون تڪيا سيئي وهاڻا
پَسيو هَنڌ پَچِي هِنيون، جي حَبِيبَن هَاڻا،
هِڪ ڏِنگا ڏاڏاڻا، ٻيو موٽيو تَان نَہ مينڌرو.

مومل جي اُنهن لفظن مان معلوم ٿو ٿئي تہ راڻي جو لِڪ چوريءَ مومل وٽ اچڻ ۽ مومل جو راڻي جي وِڇوڙي ۾ بيقرار ۽ پريشان ٿيڻ، مومل جي مائٽن مِٽن، عزيزن قريبن کي پسند ڪين هو، هڪ ڏنگا

ڏاڏاڻا مان بلڪل پڌرو آهي تہ، مومل کي مائٽن جي مرضيءَ خلاف راڻي سان نينهن جو ناتو نڀائڻو پيو. هن واقعي کي ڪنهن ٻئي وري اور نموني سان پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ، مومل جي مائٽن کي ڏيءَ جو راڻي سان رستو نہ وڻيو سو اُنهن ننڍي ڏيءَ سومل کي چيو تہ اهڙي ڪا سَٽ، سَٽ، جو مو مل ۽ راڻي جو ناتو ٽُٽي وڃي، جو اسان جي ڳِلا پئي ٿئي، اُن کان ڇُٽي پئون! جنهن جو بيان ڪجھہ هن ريت آهي تہ:

سُومل مُومل ڏي مُڪي، ڪَري مَصلَحت مَاءُ،
تَہ يج لَهہ وَجي پيڻ جِي، حَقِيقَت حَالاءُ،
ڳنهن اَهچاڻي آءُ، راڻي کي رَد ڪَري.

سُومل، جيڪا ڏاهپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هُئي، تنهن ڇا ڪيو جو رات جو راڻي جي اچڻ کان اڳ مرداڻو لباس پائي، مُومل کي ڀاڪر پائي سمهي رهي، جنهن جو بيان ڪجھہ هن طرح آهي تہ:

سَا سُومل هَلِي سَنبري، ڳَڏِجِي ڳُماناءُ،
مَنجھہ مُومَل کي نَہ پِيو، سَندو سَحر سَماءُ،
سَا سُتي سيج مَٿان، اَچي ڀَاڪُر پَائي پيڻ سَان.

سُومل ائين بہ ڪيو جو ڪاڪ محل جي ٻاهران، جنهن واٽ سان راڻو ايندو هو، اُتي هڪ ماڻهو بيهاري ڇڏيو تہ، جڏهن راڻو مومل سان ملڻ لاءِ اچي، تڏهن ڪيس اهڙي من گهڙت ڳالھہ ٻڌائي، جيئن هُو مومل کان منهن ڦيرائي ڇڏي. راڻو آيو تہ انهيءَ ماڻهو ڪيس چيو تہ اي راڻا! تون پري کان انهيءَ مومل وٽ ٿو وڃين، جنهن جي سيتل راءِ سان بہ سنگت آهي، انهيءَ طعني راڻي کي ڪاوڙائي ڇڏيو ۽ جيئن محلات ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ واقعي مُومل ڪنهن شخص سان ٻک پايو سُتي پئي

هُئي ۽ ڪُوڙي ٻُڌل ڳالھ جي پڪ ٿيس، ۽ راٽو پنھنجو لڪڻ ڇڏي، مُومل کي اُٿارڻ بجاءِ ڪاوڙجي واپس هليو ويو. صبح جو مُومل کي جاڳ ٿي، ڏٺائين تہ راٽي جو لڪڻ پيو آهي، پڪ ٿي ويس تہ راٽي کي بدگماني ٿي، ۽ هُو ڪاوڙجي واپس هليو ويو آهي. پوءِ مومل ڏاڍي پريشان ٿي ۽ راٽي کي ليلائڻ لڳي:

تَڏهن مِير بہ مُومل ڏي، مُڪو چِٺو چَوائي،
تَہ آيَس تو اَنجَام تي، آءٌ ٻيي اُٺ اُنائي،
سُتي پيئي هُئينءَ سيتل سان، پيچ وَڏا پَائي.

مومل وري راٽي کي وراڻيءَ ۾ چيو تہ:

سُتِي هُيس سُومل سان، وير پَئِي وَيسَر،
سَڙي ڪو سَحر ڪَيو، وَلهيءَ ڪو وَيتَر،
جَاڳيس نَہ جَاڙ ڪَري، طَرح انهيءَ تيتَر،
ويهڻ مُون واجب هو، تُون اَچين هَا تيتَر.

مومل جي انهن سٽن مان ثابت آهي تہ، سنديس ڀيڻ سُومل ڪيس ننڊ ۾ سُتل ڏسي، بنا هن کي جاڳائڻ جي چُپ چاپ ڪري وچي ساڻس سُتي هُئي! هن عام ڪهاڻي ڪان شاھ سائين جي آکاڻي ۾ مومل جي سيرت ٻي طرح پيش ٿيل آهي. شاھ سائين جي بيان موجب مومل پنھنجي ڀيڻ سومل کي چيو هو تہ راٽي جا پيل ڪپڙا پائي اچي مون سان سُمھ. جيئن راٽي اچ پنھنجي انجام تي اچڻ ۾ ڏاڍي دير ڪئي آهي، سندس سِڪ ڏاڍو ستائي ٿي، يعني مومل جُڙتو راٽو تيار ڪري راٽي جي آسيس ٿي ورتي، جنھن تي راٽو مٽس ڪاوڙيو. شاھ سائين ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ، مومل پنھنجي ڏوھ ڪري ئي گھٽو سَنو، پر عام ڪھاڻيءَ ۾ مومل ڪا خطا ڪانہ ٿي ڪري، جو ڏُک ڏٺائين، هن

ڪي تہ جُڙتو راڻي جو خيال خواب بہ ڪونہ آيو. سُومل ماءُ جي زور ڀرڻ تي وچي مُومل کي ڀاڪُر هڻي سُتي هُئي. ڏاڍي تعجب جي ڳالهہ چئبي، جو مومل کي اهڙي گهري ننڊ اچي وئي هُئي، جو سُومل مرداڻو لباس پائي ڀاڪُر اچي وڌو، تہ بہ هُوءَ سُجاڳ ڪانہ ٿي، هن کي تہ راڻي جي اچڻ جي انتظار ۾ ننڊ اچڻ ڪانہ کپندي هُيس، جي ڀلا ننڊ جو جهٽڪو اچي بہ ويو هوس، تہ سُومل جي ڀاڪُر پائڻ سان اک کلڻ کپندي هُيس، جنهن ماڻهوءَ کي محبوب جي اچڻ جو انجام ڏنل هُجي، اُن کي بنا کُٽڪي ڪيئن ٿو آرام اچي؟ جيڪا ڳالهہ بلڪل سمجهہ ۾ ئي نٿي اچي، شاهہ صاحب، انهيءَ اڻ ٺيٺي واقعي کي رد ڪري ڏيکاريو آهي تہ مومل جي چوڻ تي ئي سُومل ساڻس وچي سُتي هُئي، ائين ڪرڻ سان ئي، شاهہ سائين آڪاڻيءَ ۾ ڏيکاريل جهول کي سِڌو ڪري ادبي انصاف جي اُصول جي پيروي ڪئي آهي، ليلا ۽ مومل جي وچ ۾ هڪڙو تفاوت ضرور آهي تہ ليلا، چنيسر جي پٽ راڻي هُئي ۽ سدائين سندس محبت ۾ رهندي هُئي، مگر راڻو مومل وٽ ڪڏهن ڪڏهن وڃهہ وٽي ايندو هو. چاڪاڻ جو هُو اڳ ۾ ئي پرڻيل هو، مومل جا مائٽ انهيءَ ڳالهہ ۾ خوش نہ هُئا، تہ هُوءَ راڻي سان پيار ڪري، پر ليلا کي جڏهن چنيسر دليئون لاهي ڇڏيو تڏهن بہ چنيسر وٽ رهي، ڪيس پرچائڻ لاءِ مِنٿون ميڙيون ڪيائين، ليڪن مُومل جو راڻو تہ رُسي وڃي پنهنجي ماڳ وينو هو. شاهہ سائين ڄاڻي ٻُجهي مومل کي راڻي جي پُٺيان نہ موڪليو هو هڪ اعليٰ درجي وارو شاعر هو ۽ مڙني سُورمين کان پنهنجن پنهنجن محبوبن جي جدائيءَ ۾ ورلاپ ڪرائڻا هيس، هن ڏنو تہ جي مومل بہ سسئي جيان پنهنجي محبوب جي وطن ويندي، تہ رستي ۾ اِهي ئي جبل جهنگ ۽ مِرون ڏسندي، جي سسئيءَ ڏٺا هُئا، جنهن ڪري ساڳي

نموني جي مضمون کي ٻئي نموني پيش ڪرڻ لاءِ مُومل کي ڪاڪ ۾ رهائي، ڪانئس قُرب جون دانهون، ڪُوڪون ڪرايائين. مُومل، جي پاڻ نٿي وڃي تہ راڻي کي چوائي موڪلي ٿي تہ:

ميڙ مُنجان ٿي ميندڙا! تو دَر لِيلائي!

مُومل ڪيترن کي ئي پنهنجي حُسن سان گهايو هو، پر راڻي جي محبت ڪيس ماري وِڌو. اصل ڪُهي وڌو. شاهہ سائين ان ڳالهہ جي منظر نگاري اجهو هن طرح ڪئي آهي تہ:

گجر گهٽا گهائيا، پاڻ لڳس گهاءُ،
ميندڙي مِلاءُ، لڳس ڳان ڳپار ۾

يا

راڻو ڪا رَات وِيو، ڳُجِهي ڳالهہ ڪَري،
سوڍِي ريءَ سَرتِيون! هَڏَ نَہ سَاهہ سَري،
وَڃي مَان وَري! آسَائِتي آهيان.

مُومل ۽ ليلا جون سِيرتون ڏِسبيون تہ معلوم ٿيندو تہ، مُومل، ليلا وانگر راڻي ۾ ڪو بہ شڪ گُمان نٿي آڻي، ۽ هڪدم پنهنجي غلطي محسوس ڪري ٿي، ليلا جيان مُومل کي بہ جيڏيون سرتيون شرمائين ٿيون، مومل چوي ٿي تہ:

سَنَم سَاهيڙِين جَا، طَعنا توهين لاءِ

راڻي، مُومل کي سُومل سان مرداني لباس ۾ سُتل ڏسي، ڪيس اُٺارڻ بجاءِ سندس پاسي ۾ پنهنجو لَڪُڻ نشاني طور رکي ڪاوڙجي واپس هليو ويو. پوءِ بہ مُومل جي دل ۾ ڪڏهن بہ راڻي جي سچائي ۾ شڪ ڪين ٿيو! مُومل کي اها سُڌ بہ ضرور هوندي تہ راڻو پرٽيل آهي، پوءِ بہ اهو خيال ڪونہ آيس تہ متان سندس زال مون ڏي اچڻ کان منع

ڪئي هُجيس ۽ هيءَ وجهه وٺي مُون ڪان رُسي ويو آهي، هُوءَ تہ پاڻ کي ئي وڏو ڏوهي ٿي چوائي تہ:

ڪِين سَاڱا هُيَمر سُپرين، جَاڙون ڪَيَمر جَال،
سوڍا مُون کي ڳَال، موٽي مُنهن ۾ آئِيُون!

مُومل تہ راڻي جي تمام شڪر گذار ٿي ٿئي، جو ساڻس پرِيت جو پيچ پائي کيس نوازيو هو، چيو وڃي ٿو تہ، راڻي کي هڪ سيلاني جوڳِيءَ فقير جي واتان مُومل جي حُسن جي هاڪ ٻُڌي هُئي، راڻي جي دل ٿي تہ، مُومل سان مِلان ڏِسان تہ واقعي اهڙي حَسين واري آهي، سو ساٿين کي چيائين تہ:

هَلو هَلو ڳَاڪ تَڙين، جِتي نِينهن اُڇل!

راڻي تي مُومل جي سُونهن سوپيا جو جيڪو اثر ٿيو جنهن لاءِ شاهه سائين چوي ٿو تہ:

لڏوٽئا لوڏي ٿِيا، وَتن منجهہ وِصَال،
اَڄ اَوتيو اَکين، ڳَاڪ پِيتَائُون ڳَال،
ويئي ويچارن وِسرِي، صُباح جِي سَنيال،
جَانب جي جَمال، رَڱي پس! ريتو ڳَٽا.

مُومل کي اِهو معلوم هو تہ، راڻو سندس لاءِ ڪيترو مُنتظر هو، جو پنهنجي زال جي پراوهہ نہ ڪندي، سندس نينهن جي محتاجي ڪيڻ لڳو تہ ٻہ جڏهن راڻي سان مُنهان مُنهن ٿي، تڏهن هُو دل جهلي نہ سگهي ۽ چيائين تہ:

گُجر گهڻا گهائِيا، پَاڻ لڳس گهاءُ!

۽ جنهن وقت راڻو رُسي هليو ويس، تنهن وقت کيس ڏوهہ ڏيڻ بدران کيس ساراهڻ لڳي ۽ چيائين تہ:

ڏولي ڏَڪِي آهيان، هُيس اُگهاڙي اَڳ،
جوڙي وِڇان جَڳ، ڳَڳر ڳيائِينم ڳاڪ جو.

مُومل ائين به سمجهي هُئي ته راڻو جيڪڏهن ڪاوڙ وِچان ڪيس ماري به وجي ها ته به هُن کي واجب هو، پر هُن پاڻ کي روڪي صبر کان ڪم ورتو. ائين سمجهو راڻي مومل کي کهل سان ڪنو هو. پاڻ چوي ٿي ته:

سوڍا صبر تُنهنجي، ماڻهو ڪُٺي مُومل،
ڳِپر مَنجهان ڳل، پِيَم پِرين تُنهِنجي!

اهي اکر آهن راجا نند جي نياڻيءَ مُومل جا! اهڙي ئي ريت سسئي به پنهل لاءِ ائين چوي ٿي ته:

سڏر سِين سَڱ ڳري، پَرکِينديِن پِياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير جاٽي ڪٽياس،
هند نه سنڌ سياس، هُن پرين ڪيس پڌري.

جيئن سسئي کي سسئي، پُنهونءَ جي پيار ڪيو، تيئن مينڌري جي محبت ئي مُومل کي مُومل بڻايو. مومل ۾ نسل جو فخر هو ۽ حُسن جو ناز هو:

مُومل کي مِجاز جَا، اَکيَن ۾ اَنبُور

هن ته فقط پئسن ميڙڻ لاءِ ڪاڪ وارو طلسمي ٽڪسات وارو نمونو اَڏيو هو. هُن سمجهيو ٿي ته، ڪوبه ماڻهو وٽس پهچي ڪين سگهندو. ناتر جهڙيون حرفتي ۽ چالباز ٻانهيون، اُن کي مُنجهائي ماري ڇڏينديون. انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته، مُومل هڪ ڪُنواري ۽ هلڪي طبيعت واري ڇوڪري هُئي، جنهن ۾ سچي عشق کان وڌيڪ ظاهري ناز نخرو ۽ ناهه نُوهه هو. هوءَ پنهنجي ماڻن ۽ نينهن جي نيڻن سان

آسائتن جو اندر جلائي خاڪ ڪندي هُئي، اها ساڳي مُومل ڏسو تہ سندس طبيعت ۾ ڪيئن ڦيرو اچي ويو. مُومل ۽ ليلا ۾ اهو تفاوت آهي، جو شاهہ سائين، مُومل جي ڪُنوارپ واري حياتيءَ جو بيان ڪري ٿو. ڪنواري هُوندي ڇوڪريءَ ۾ جيڪو ناهہ نوهہ جو شوق ٿئي ٿو، سو پرڻئي کان پوءِ گهٽجي ٿو پر سهڻيءَ اصل سينگار نہ ڇڏيو سو نہ ڇڏيو. ميهار وٽ هر رات سينگار ڪري، پوءِ ويندي هُئي. پر مرشد لطيف لفظن جي چوند ڪري، مومل جي سُونهن ۽ مجاز جو جيڪو تذڪرو ڪيو آهي، سو ٻي ڪنهن بہ سُورميءَ جو نہ ڪيو آهي، ۽ ٻنهي سُورمين ۾ مومل کي ئي ڪنواري ڏيکاريو اٿس. ٻيون سڀئي سُورميون پرڻيل يا مڱيل ڏيکاريون اٿس. مُومل جي سِيرت سان شاهہ سائين، ليلا جي سيرت کان گهڻو وڌيڪ محنت ڪئي ٿي ڏسجي! سهڻي- ميهار جي سُونهن جو بيان ڪري ٿي تہ، سسئي وري پنهنجي پُنهل جي حُسن جو بيان ٿي ڪري، پر شاهہ سائين سندن حُسن جو ذڪر نٿو ڪري، مومل ئي آهي، جنهن جي جسماني جلوي جو مرشد لطيف زير زبر سان احوال ڏئي ٿو. مُومل جي اکين ۾ جادو سمايل هُجڻ ۽ پُرڪشش هُئڻ جو چيو اٿس، جو **’جي ويا سي وڍيا‘** شاهہ سائين ٻڌائي ٿو تہ، مُومل جي اکين جا تارا اهڙا تہ جَلوِيدار هُئا، جڻ تہ سندس پِنبڻين جي ڪمان جا بہ تِير هُئا، جن سان هن ڪيئي هاڪارا حاڪم، جوڌا جوان، پهلوان ۽ اعليٰ درجي وار عاقل هوشيار گهائي ڇڏيا هُئا:

هَٽي تِن کي تِير، مَٽيون جِن مَٽن ۾.

ڇو جو هن کي ملڪيت ميڙي پيءُ کي ڏيٺي هُئي، انهيءَ ڪري ئي مُومل گلابي، ريشمي وڳا ويس پائي، چوٽيءَ ۾ سُرها تيل مُشڪ، عنبر ۽ چنبيلي جا گُل وِجهي، مٿي ڪاڪ محل جي ڪنهڙي

۾ ويهي، پنهنجن آيل عاشقن ڏانهن نينهن ڀريا نيڻ کڻي نهاريندي هُئي، تہ عاشقن کي تير لڳندا هُئا. ۽ ڍيري ٿي پوندا هُئا. اِهو سڀ ڪُجهہ پئسن ميڙڻ لاءِ ڪندي هُئي، ڀيو ڪو هنن سان نڪاح ڪرڻو ٿورو هوس، بس سندن ملڪيت ڦُري کين فقير بڻائيندي هُئي، هوءَ تمام ۽ تمام سخت دل حَسينا هُئي، جنهن جي دل ۾ عاشقن لاءِ رحم ۽ قياس جو ذرو بہ ڪونہ هو. ٻين عاشقن وانگر راڻو بہ مُومل سان مِلڻ لاءِ ڪاڪ پهتو. مُومل، راڻي کي سندس چالاڪيءَ ڪري قبوليو. جيڪڏهن مُومل ائين قبولي ها تہ، چئي سگهجي ها تہ، مُومل، راڻي کي ان ڪري نہ قبوليو. جو ساڻس دل ٽيس، پر ڇاڪاڻ تہ راڻي چالاڪي ۽ همت ڪري هن ڪاڪ جي طلسم کي ٽوڙيو، سلامتيءَ سان سيني آزمائشن مان ڪامياب ٿي، سچيءَ مُومل کي ڳولي هٿ ڪيو. شاهہ سائين وسيع نظر وارو شاعر هو هُن ڏٺو تہ اِئين ڪرڻ سان مُومل جي سِيرت کي ڌڪ لڳندو، سو ڏيکاريائين تہ مُومل، راڻي جي همت ۽ ڏاهپ تي موهت ڪانہ ٿي، پر هُن جي حُسن تي موهت ٿي، جيئن سُهڻي ۽ سسئيءَ پنهنجن محبوبن تي موهت ٿي، سندن ساراهہ ڪن ٿيون، تيئن شاهہ سائين مُومل جي واتان، راڻي جي خوبصورتيءَ جي ساراهہ ڪرائي ٿو:

روءِ راڻي جي ناهہ ڪو، سوڍا ڀِيا بہ سَجان

انهيءَ سِٽ مان معلوم ٿئي ٿو تہ، راڻو ڏاهپ ۽ عقل ڪري ايترو ڪشش ڪندڙ نہ هو، جهڙو حُسن ڪري هو ۽ حُسن ڪري ئي هن مومل هٿ ڪئي:

نِسوريا ئِي نِينهَن جِي، ڪَشيَائِين ڪَمَان!

مومل پاڻ ٿي چوي تہ:

سَوڍا! تو ڳر سَاهہ، نہ تہ رَاڻا گهڻا رَاج ۾.

مُومل کي صرف راڻي جي سُهڻي صورت متاثر موهت ڪيو هو. هوءَ ڪا راڻي جي وزارت تي موهت ڪانہ ٿي هُئي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ بہ راجا جي ڌيءَ هُئي، راڻي جي سياڻپ متاثر ڪو اثر ڪونہ ڪيو هو جيڪي ڪُجهہ ڪيو هو سو راڻي جي حُسن جو ڪمال هو. راڻي جي حُسن ئي مُومل کي ستي لاٿو هو. هِتيِ اِها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ، راڻي لاءِ چوڻ ۾ ايندو آهي تہ. هُو هڪ اک ڪان ڪاڻو هو. پر شاهہ سائين کيس هڪ خوبصورت جوان ڏيکاريو آهي، جنهن مُومل جهڙي نازنين جي دِل کي ڇڄ ڪنيو ڪٽي قابو ڪيو. راڻي ڪاڻي لاءِ شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

روءِ راڻي جِي نَاهہ ڪو، سوڍو سَيَن سُونهن!

مُومل، راڻي جي هڪ روايتي ڪهاڻي، جيڪا ڪنهن شاعر جي جوڙيل آهي، اُن ۾ شاعر هن واقعي طرف اِشارو ڪري ٿو پر شاهہ سائين ۽ روايتي ڪهاڻي پيش ڪندڙ شاعر جي وِچ ۾ ڏينهن رات ۽ زمين آسمان وارو فرق نظر اچي ٿو. روايتي ڪهاڻي پيش ڪندڙ شاعر ڏيکاري ٿو تہ، جڏهن مُومل، راڻي جي مُلڪ، راڻي کي پرچائڻ آئي، تڏهن سندن وچ ۾ سوال جواب ٿيا. پر راڻي، مُومل جي ڪا ڳالهہ نہ مڃي، پوءِ مُومل، راڻي کي چيو تہ:

سوڍل سَائِين سُهڻا، تو سَڏائين سِيَاڻُو
پَر آهِين اَيَاڻَن ڪان، آءٌ ڀَانئِيان اَيَاڻُو
ڪِيئَن تِئِين ڪَاڻو سَا سَچِي ڳَر سُپرين!

خيال ۾ ئي نٿو اچي تہ ڪا مُومل، راڻي کي پرچائڻ وئي هُئي، تنهن راڻي کان اهڙا ناپسنديده سوال ڪيا. روايتي ڪهاڻي جوڙيندڙ شاعر جي مُومل ۽ شاهہ سائينءَ جي مُومل ۾ پيٽ ٽا ڪريون تہ. شاهہ

سائينءَ جي مُومل عرش تي نظر اچي ٿي، روايتي ڪهاڻي جوڙيندڙ جي مُومل فرش تي نظر پئي اچي. شاهہ سائين پنهنجي مُومل ۾ پنهنجي شخصيت اوتي ڇڏي آهي، جنهن مان شاهہ سائينءَ جي خوشبوءِ ٿي اچي، اها مومل ڪهڙي، جنهن راڻي سان لنئون لائي، اهڙي نموني سان ڳالهايو تہ:

آهين اَياڻَن ڪَان، آءُ ڀَانيَان اَياڻُو،
عَاشق ڪِيئن مَعشُوقَ ڪان پُڇندو، تُون ٿِئين ڪِيئَن ڪاڻُو؟

عاشق کي تہ معشوق جا عيب نظر ئي نہ ايندا آهن. اهڙي قسم جون اُوڻايون، شاهہ سائينءَ جي مُومل ۾ نظر ئي نہ ايندیون، پڙهندڙن کي شاهہ سائينءَ جي مُومل کي ئي صحيح ۽ سچي سمجهڻ گهرجي!

✦

# نُوري

هُئِي هَٿ ۾ مَڪِڙِي، ڄَام هَٿ ۾ ڄَارَ،
سَڄو ڏِينهن شِڪَارَ، ڪِينجَهر ۾ ڳَالِهہ هو.

سُر ڪاموڏ ۾ شاهہ سائين ڪينجهر ڪناري رهندڙ گندرا پاڙي جي ملاحن مان نوريءَ نالي مُهاڻيءَ ڪي سورمي بڻائي، ڪيس امر بڻائي ڇڏيو. نُوريءَ شاهہ سائين جي سُورمين جو نُور آهي. نُوريءَ جي شاهہ سائين پڙهندڙن اڳيان نِوڙت ۽ نياز جي تصوير پيش ڪئي آهي، نوري هئي مهاڻي، هڪ مسڪين ڳوناڻي، پر شاهہ سائينءَ کي سادن سُودن، پُراڻن، ميرڻن ڪپڙن ۾ ڍَڪيل جِسم اندر هڪ بي بها دل نظر آئي، ۽ انهيءَ دل جي تِجوڙي هُئي، جيڪا املهہ رُوحاني خزاني سان ڀرپور ڏِٺائين، سيرت نگاريءَ جو هڪ طريقو جو شاهہ سائين ڪم آندو آهي، سو آهي مختلف طبيعتن جا اداڪار اهڙي ريت پيش ڪرڻ جو اُنهن جي عيبن توڙي اُوڇن خيالن ۾ نمايان ٿي بيهن، جو پڙهندڙ سندن جُدا جُدا سيرتن جو اندازو لڳائي سگهي، نوريءَ جو سياءُ ليلا ۽ مومل جي سيائن جي بلڪل اُبتڙ آهي، جڏهن ٽنهي سُورمين جي سيرتن جي ڀيٽ ڪجي ٿي تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته، جيڪي ليلا ۽ مومل ۾ نہ هو، سو نورِيءَ ۾ موجود هو. مومل ۽ ليلا جيان نُوريءَ بہ وڏن نصيبن واري هُئي، جو محبوب جي ميلاپ جو معراج ماڻيائين. ليلا– چنيسر جي پَٽ راڻي هُئي، تہ نُوريءَ وري ڄام تماچيءَ جي پَٽ راڻي هُئي، پر نوري، ليلا وانگر خوشيءَ جي آغوش ۾ رهي ڦونڊ ۽ فخر ۾ نہ

پري، مُهاڻيءَ جي من ۾ نہ گيرب، نہ گاءُ، هڪ غريب مُهاڻيءَ کي ڄام تماچيءَ جهڙو حاڪم پنهنجي جيءُ ۾ جاءِ ڏئي، سو هن لاءِ بيشڪ فخر جو باعث هو. اهو هڪ قدرتي نيم آهي، تہ جڏهن ماڻهو ڪنهن وڏي مُنصب تي پهچي ٿو. جيڪو ڪڏهن سندس خواب خيال ۾ بہ نہ آيو هُجي، تڏهن هُو وڏائي ۾ پرجيو وڃي، نُوريءَ جي دل ۾ بہ تہ اهو ويچار آيو هوندو، تہ سندس محبت جا تير، سَمي گهراڻي جي حاڪم کي اهڙا تہ گهائيندڙ لڳا، جو هُن سندس نيچ ذات جي ڪا پرواهہ نہ ڪري، ساڻس شادي ڪئي. هر نازنين، جيڪا ان حالت ۾ پنهنجي سُونهن تي باور ڪري، مگر نُوري نماڻيءَ ۾ اهو فخر نظر ئي نٿو اچي، نُوريءَ جي نياز مندي، نهايت عجيب وغريب آهي، جنهن لاءِ شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

سَمون سِر سَيَن ۾، مِي مُورڇو سوءِ،
اَڇِئو اُيِين پوءِ، حُجَت پَڳِي رَاڻين.

جنهن هٺ وڏائي گهٽن کي هاڃو رسائي خوار خراب ڪيو. پر نوري نِوڙت ۽ حليميت جو هار پائي عزت ۽ مان پاتو. هن کي معلوم هو تہ هٺ وڏائي ئي آهي، جنهن فرشتن جي سرموڙ عزازيل کي بهشت مان نيڪالي ڏياري ۽ نياز نوڙت، حليمت ئي آهي، جيڪا انسانن کي فرشتہ صفت بڻائي، وڏي اوج تي آڻي ٿي. مومل ۽ ليلا ٻنهي سُهاڳ جي سيج تان ڏکو ڪاڏو ۽ وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪرڻا پين. پر سُهاڳ جو ڇَٽ نوريءَ تي ڄام تماچي وِڌو، سو هن کي آخر تائين نيبهہ رهيو. ليلا ۽ مومل جي خوش قسمتي، سندن بدقسمتي ثابت ٿي، ليڪن نُوريءَ کي سندس نصيب ڳَاين جُهوپڙين مان ڪڍي محلات ۾ آندو ۽ هُوءَ پڇاڙيءَ تائين اُتي رهي، غريب ڄائي نُوريءَ کي ڄام تماچيءَ جهڙي

حاڪم جي پٽ راڻي ٻڌڻ ۾ ڪا وڏائي تہ ڪانہ ٿي، پر هر وقت اِهو ئي انديشو رهندو هوس تہ شل اهڙو ڪم نہ ڪريان، جو ڪانڌ ڪاوڙجي مون غريب کي دل تان لاهي نہ ڇڏي، هوءَ ڏاڍي ادب ۽ عاجزيءَ سان ڄام تماچيءَ کي چوي ٿي تہ:

ٿُون سَمون، آءٌ گندري، مُون ۾ عَيبن لَک،
هِن مُنهنجي حَال جِي، توکي سَڀ پَرک،
ڳَارڻ رَب اَلک، مَتان مَاڳر مَٽئين!

يا

مُهاڻيءَ جي من ۾ گِيرَب نہ ڳَاءُ،
نيٽن سِين نَا ڳري، رِيجَهايائِين رَاءِ،
سَمون سَين وِڇان، هيرايائين حرفت سين!

**سُر ڪاموڏ**. شاهہ سائينءَ جي سيني سُرن کان سواءِ سُر گهاتو جي ننڍو آهي، کهاڻيءَ ۾ ٻُڌايل آهي تہ ڪيئن ڄام تماچيءَ سان نڪاح بعد نُوريءَ پاڻ کي اُها ئي نيچ ذات مهاڻي سمجهندي هُئي، شاهہ سائين اهو پاڻ ٻڌائي ٿو تہ، هڪ ڀيري جڏهن سڀ سميون هار سينگار ڪري ڄام تماچيءَ جي اچڻ لاءِ تيار ٿي ويٺيون هُيون، تڏهن ڄام تماچي مِڙني کي خيال ۾ ئي نہ آڻي، نُوريءَ کي چيو تہ، نُوري! ڏي خبر تو تياري ڪانهي ڪئي؟ نوريءَ کيس جواب ۾ چيو تہ، تنهنجون ٻيون سميون تيار ٿيون، مون سمجهيو تہ آءٌ نيچ ذات مُهاڻي آهيان، تون مون کي وٺي ڪونہ ويندين! تنهن ڪري آءٌ تيار ئي ڪانہ ٿيس! ڄام تماچي اهو ٻڌي ڪري، کيس پيار وچان ڳلي سان ڪٺي لاتو ۽ کيس پٽ راڻي چونڊيائين، نُوريءَ پَٽ راڻي برابر هُئي، پر هُن ۾ وڏائي ڪانہ هُئي، هن پنهنجي اصليت کي نہ وِساريو هو. هن جي چاهت هُوندي هُئي تہ

مالڪ ڪري تہ حياتيءَ جون گهڙيون لَڄ پت سان رهجي اچن. نُوري ڄام تماچي کي بہ ائين ئي عرض ڪري چوي ٿي تہ:

ٿُون تماچي تَڙ ڌَڻِي، آءٌ مُهاڻِي مِي،
مُون ڏُهاڳ مَ ڏي، آءٌ جا نالي ٿِيَس ٿُنهنجي!

نُوريءَ پروڙيو هو تہ، جيڪي نِياز نِوڙت ۾ آهي، سو ناز هٺ، وڏائيءَ ۾ ڪونهي، هن چيو تہ:

ڳانڍ ڪُوڙي نہ وَٽي، سَئين پتين سِينگار،
وَهم لَهي وَنجهار، ڊِليون پَرکي ڌَاسڙو.

نُوري راڄائي رنگ محلن ۾ رهي بہ ڪِڪي هاڻيون ڪاريون، ڇِڇي هاڻا ڇَڄ ياد ڪرڻ، اُوچن رنگين هندورن ۾ لُڏندي پُراڻن پَکن ڳَاون جهوپڙين وارا ڏينهن سارڻ، نرم بسترن تي ليٽندي سخت ۽ کهرا تڏا سنيارڻ، سون رُوپي سان رانديون ڪندي ۽ لعلون لٽيندي گذريل غربت حالت اکين اڳيان آڻڻ، ڇهرا مٺا سٺيا طعام کائيندي، ڪِڪين وارن ڪاڇن جون يادگيريون دل ۾ سانڍي رکڻ نہ ڀُلي، پٽ راڻيءَ ٿي ڪري مُهاڻين واريون بانسي ڄاريون ۽ مڇين واريون ڪاريون خيال ۾ رکڻ، سُکي زندگي ماڻيندي بہ ڏُکن وارا ڏينهن نہ وِسارڻ، سُهاڳ جي سيج ماڻيندي انگن آرن ڪان پري رهڻ، بي عيب هُوندي بہ پاڻ کي عيبدار سمجهڻ، ۽ هميشہ شرم ڪان ڪنڌ جُهڪائي ڪري هلڻ، اعليٰ هستين جو لڇڻ آهي، نُوريءَ جي سِيرت مان شاهہ سائين بلڪل ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ، جيڪي انسان سُکن ۾ رهي ڪري بہ ڏاڍا مانائتا ٿين ٿا ۽ مٿانهين مرتبي تي هُوندي بہ هيناهين سان هلن ٿا، سادگي سندن سينگار آهي، نٺ نانگر هٺ وڏائي جي ويجهائي نہ هُوندا آهن، ليلا ۽ مومل ڪان نُوريءَ جي زندگي اُوچي ان ڪري آهي، جو جا

سوچ سمجهہ هُنن ۾ وڇوڙي بعد آئي، سا نُوريءَ کي وِصال وارن ڏينهن ۾ آئي هُئي، نُوري غريب هُئي، هن جي دنيا هُئي ڪينجهر ڍنڍ، مڇين جي ڪاري ۽ ڄاري، پر قدرت جي مهربانيءَ سان جيڪو هُن حاصل ڪيو تنهن ئي سينگاريس:

ڳانڍ ڳنهن جو نہ وَٽي، ڳِيرب ۽ ڳاءُ،
جي ٽڙي ٽورڙياءُ، تہ دوس دسائي داسڙو!

انهيءَ ڪري ئي هُوءَ خبردار رهي، اهڙو عقل نہ هو مومل ۾ نہ وري ليلا ۾، نوريءَ شاهہ سائين جي صلاح اکين تي رکي آمين چيو تہ:

ڳت ڪتيندي آءُ، اڳيان اَٽئي توريندڙ تِڪا،
اَگهي تہ پاءُ، نہ تہ مَڻ بہ موٽيو وَڃن!

شاهہ سائين، نوريءَ جي سياءُ ذريعي ڏيکاريو آهي تہ، جيڪو انسان پاڻ کي نيچ ٿو سمجهي، سوئي سيني کان اُوچو آهي، شاهہ سائين جو هي پيغام تمام اهم سمجهڻ گهرجي، ڏسو تہ نورِيءَ مُهاڻي مان ڦِري راڻي ٿي، شاهہ سائين نُوريءَ جي اُن درجي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

نَہ وَڏِي نَہ وِڪٽي، نَہ ڪَٽي ۾ ڪَارِي،
اَهج سَهج سَاهميون، ڏرئان نَہ ڏاري،

پر هُوءَ پاڻ کي ڪڏهن بہ راڻي نٿي ڪوٺي، جڏهن هُن پاڻ کي نيچ ڪيو تڏهن ئي ڄام تماچي کيس اُوچو بڻايو، شاهہ سائين ٻُڌائي ٿو تہ، جيتوڻيڪ ڄام تماچيءَ کي نُوري ئي امر بڻايو پر پوءِ بہ هُو پاڻ کي گندري مهاڻي ڪري سڏي ٿي، ليلا ۽ مومل وانگر نُوريءَ بہ حُسن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هُئي، مهاڻي ضرور هُئي، پر مُنهن ۾ مٽيا هُيس، شاهہ سائين سندس سونهن جو بيان هن طرح ڪيو آهي تہ:

هَٿين پيرين آرڪٽين، مُنهن نہ مُهاڻي،
جِيئن سَڳو وچ سرندڙي، راڻين ۾ راڻي.

سندن روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نہ تفاوت آهي! ليلا لاءِ شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

سونا ڪُر ڪَنن ۾، ڳِچيءَ ڳاڙها هَار،
ٻَانهُوتا ٻَانهن ۾، سِينڌ سَٽيا وَار،
نِيلانهہ پئي پَچار، ڪَانڌ هن جي چِڏئي!

يا

سَيئي سُهاڳڻيون، سيني ڳِچيءَ هَار،
پَسڻ ڪَارڻ پِرينءَ جي، سَهسين ڪَن سِينگَار،
ڍول تِنين جِي ڍَار، هيناهيون هَلن جي!

۽ مومل جي بدني ناهہ نوهہ جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿس ويس!

مگر نوريءَ جي حالت هيئنين سٽن ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

ڄَاريُون ڪَاريُون چِڄ چيريون، جِن جي محبت مڇي سَاڻ،
رَهن وهن سر ٻانڌيين، سَيئي بدبوءِ هاڻ!

ڄام تماچي موهت ٿيو نُوريءَ جي سُونهن سوڀيا، شڪل شبيهہ تي ۽ ڪيس پنهنجي راڻيءَ ڪرڻ جو ارادو ڪري، سندس مائٽن کان هُن جو سڱ گُهريو جو هُنن خوشيءَ سان قبول ڪيو. نوريءَ جي حُسن ڪيس راڻي بنايو. مگر حليمت ۽ هيناهين مٿس پٽ راڻيءَ جو ڇٽ ڌريو. حُسن ۽ حليمت مختلف خاصيتون آهن. جي شاهہ سائين نوريءَ ۾ ڀريون آهن. سُونهن مومل ۾ هُئي، تہ ليلا ۾ پڻ هُئي، پر نُوريءَ کي مٿانهون بنايو. سندس نياز نِوڙت حُسن واري انسان کي حليمت وڏيڪ

حسين ڪري ٿي، نُوريءَ جي ڪري ڄام تماچي سندس اوري پري جي مائٽن مِٽن سان بہ سهج ڪيا ۽ ڪين سوکڙيون پاکڙيون موڪليون، ائين ڪرڻ سان ڄڻ ڄام تماچي نُوريءَ جو قدر ٿي ڪيو. ڇا ڄام تماچي جهڙو حاڪم! ڇا مسڪين مهاڻا!

شاهہ سائين ڄام تماچيءَ کي نُوريءَ جي ڪري مسڪين مهاڻن جي وڏي عزت ڪندي ڏيکاري ٿو تہ:

اَڄ تَماچِي آئِيو، پَکَن پَٽِي پَچَار،
مُرڪن مَلاحن جَا، ٻَانڍِين مَٿي ٻَار،
وَڏي ڄَام ڄَمار، جنهن مُهاڻيون موڪيون!

شاهہ سائينءَ جي سُر ڪاموڏ جي هڪڙي بيت مان معلوم ٿو ٿئي تہ، جن ڏينهن ۾ ٺٽو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، تن ڏينهن ۾ سمن جي گهراڻي مان ڄام تماچيءَ نالي هڪڙو حاڪم هوندو هو، جنهن جو ڪينجهر ڍنڍ، جيڪا جهوڪ ۽ ٺٽي جي وچ تي آهي، اتي گندرا پاڙي جا مهاڻا رهندا هُئا، جيڪي مڇي مارڻ جو ڪم ڪندا هُئا، اتي ڄام تماچي بہ مڇي جي شڪار تي ايندو ويندو هو، جيڪو نُوريءَ نالي هڪ مُهاڻيءَ تي موهت ٿي پيو ۽ اُن سان شادي ڪيائين ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي پٽ راڻي بہ چونڊيائين، ۽ ڪينجهر جي پرسان هڪ محلات بہ تيار ڪرايائين، جنهن ۾ پنهنجي راڻيءَ سان گڏ پيو رهندو هو، وقت گذرندو رهيو، نيٺ ڄام تماچي سخت بيمار ٿي پيو، جڏهن مرڻ جي ويجهو آيو تہ سندس پٽ راڻي نوريءَ، جنهن جو ساڻس بيحد پيار هوندو هو سا سخت پريشان ٿي ۽ ڪيس مخاطب ٿيندي چيائين، اي جاني! مُرڪندڙ مهانڊي وارا! تنهنجو سِر شل سلامت هُجي، تون هن جهان کي ڇڏي نہ وڃ، تون تہ منهنجي اکين جو ٺار آهين، تون ڪجهہ عرصو

ڪينجهر جي ڪناري تي حياتي گذار، شاهہ سائين نُوريءَ جي واتان پنهنجي پياري وَر لاءِ اِجهو هن طرح ٿو چورائي تہ:

سِر سَلامت سُپرين! مُرڪڻ تُون مَ مَريج!
آهين ٿَار اَڪين جو، وَٺان مُون مَ وَڃيج،
ٿَماچِي تِڱيج، ڪو ڏِينهن ڪِينجهر ڪَنڌيين!

شاهہ سائين سمجهائي ڏيندي چوي ٿو تہ، لوهہ جو ننڍڙو ٽڪرو پاڻيءَ ۾ اُڇلبو تہ ٻُڏي ويندو، پر ڪاٺ جي وڏن وڏن ٻيڙن کي ڪيترائي وزني لوهہ جا ٽُڪرا لڳل هوندا آهن، سي ٻيڙيءَ کي ٽٽا ڀوڙين پر ڪاٺ جي ڳنڍجڻ سان پاڻ بنا خطري ترن ٿا، اهو آهي محبت جو مثال، هونئن لوهہ جو ٽڪرو پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ٿو، ڪاٺ سان ڳنڍجي ٿو تہ تَري ٿو، ڄام تماچيءَ کي بہ نُوريءَ سان محبت امر بنايو!

✦

# سُر مارئي

ٻَلي جَائِي مَارئِي، جَنهن مَارُو مَلهَايَا،
سُتي سَامَائِي، جَنهن ٻَڌا موڙ مَلير کي.

هن سُر جو بنياد **عمر مارئي** جي مشهور آکاڻيءَ تي ٻڌل آهي، مارئي جي سيرت دوران شاهہ سائين سندس حُب الوطنيءَ جي بي بها تصوير پيش ڪئي آهي، غريب ڳوٺاڻن جي اندر ۾ جو وطن لاءِ سِڪ ۽ سچائي جو مادو آهي، تنهن جو انداز شاهہ سائين مارئي جي دل جو نقش چٽي پيش ڪيو آهي، مارئي بلڪل ظاهر ڪري ڏيکاري ٿي تہ سچائي هرو ڀرو دولتمندن جو ورثو ناهي! وطن لاءِ محبت ۽ پاڪدامني مسڪينن ۾ اميرن کان وڌيڪ آهي، مارئيءَ ۾ شاهہ سائين عورتپڻي جو آدرش پيش ڪيو آهي، عصمت بنا عورت غورب نہ ليکبي، زال ذات جو ست سندس بي بها زيور آهي، جنهن جي سنڀال ڪرڻ سندس مکيہ فرض ۾ شامل ٿئي ٿو ڏنو ويندو تہ ٻين سُرن ۾ سُورمين جي سيرت نگاريءَ سان گڏ ڪٿي ڪٿي سُورمن جو پڻ ٿورو بيان شاهہ سائين ڏئي ٿو پر سُر مارئيءَ ۾ صرف ۽ صرف مارئي پئي وسي، ڪيت تہ ڳاٽاٽي ۾ ڪونهي، مارئي جي سيرت جو ڪِن نقادن تمثيلي رنگ ڪٽي ڏنو آهي، تن سان آءٌ شامل راءِ بلڪل نہ آهيان، ڇاڪاڻ تہ ڪِن نظمي ڪهاڻين ۾ شاهہ سائين تمثيل رکي آهي، تنهن ڪري هرو ڀرو ائين سمجهڻ تہ سُر مارئي ۾ بہ ضرور ڪو اونهو راز رکيل هوندو، سو ٺيڪ نہ آهي. عام طور اهو سمجهيو ويندو آهي تہ، تصوف زندگيءَ کي ترڪ ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي، صوفيءَ کي غلط فهميءَ وچان اهڙو شخص سمجهيو وڃي

ٿو. جيڪو دنياداريءَ کي ڇڏي، لوڪان لِڪي، ڪُنڊ وٺي، ويڙھجي سيڙھجي، مٿو مُونن ۾ وجھي، ذڪر فڪر ۾ پاڻ کي ٻہ وِساري ويٺو هُجي. شاھ سائينءَ جي نظر ۾ صوفي جو ڪم آھي، پنھنجي اصلاحي شعور جي لحاظ کان صحيح سماجي نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ سُونھين جي حيثيت رکي، اجتماعي ڀلائيءَ جا ڪم ڪري. شاھ سائين مھاڪوي ھو تہ اعليٰ درجي جو فيلسوف بہ ھو. سندس سموري شعر جو دارومدار ھرو ڀرو تمثيل تي نہ آھي، جنھن ڪري ائين چئي سگھجي ٿو تہ ھن صرف اُھي مضمون قلم بند ڪيا آھن، جن ۾ ڪا نہ ڪا تمثيل رکي سگھيو آھي. مارئي جي ڪھاڻي اھڙي تہ دل سوز آھي، جو شاعر تہ ٺھيو پر عام رواجي ماڻھوءَ جا اُمنگ پڻ اُن جي ٻڌڻ يا پڙھڻ سان اُڇلون مارڻ شروع ڪن ٿا. شاھ سائينءَ کي تہ شاعراڻي دل ھُئي، شاعراڻي نگاھ ھُئي، شاعراڻو دماغ ھو. ھُو بلڪل سمجھي سگھيو ٿي تہ ڪھڙو مضمون شعر ۾ قلم بند ٿيڻ جي لائق آھي، سُر مارئي ۾ شاھ سائين فطرتي شاعر، وڏو محب وطن، تاريخ نويس ۽ وڏو عاشق نظر اچي ٿو. مارئي جي اباڻي ملڪ لاءِ اُڪير، ڪانڌ لاءِ قُرب، ٿر جي ماروئڙن جي محبت پنھنجي سِر اھڙا موضوع نہ آھن ڇا؟ جو شاھ سائين جھڙي اعليٰ شاعر کي سرجڻ لاءِ ڪشش نہ ڪن؟ اھڙي اعليٰ مضمون کي ھرو ڀرو تمثيلي رنگ ڏيڻ جي ڪھڙي ضرورت آھي؟ ڇا تمثيل بنا سُر مارئي وارو مضمون اھڙو نہ آھي ڇا؟ جو پڙھندڙن جي دلين ۾ شاھ سائينءَ لاءِ عزت قرب ۽ محبت پيدا ڪري! جيڪڏھن شاھ سائينءَ جي شاعريءَ تي غور ڪبو تہ خبر پوندي تہ سھڻي، سسئي ۽ ليلا جي ڪھاڻين ۾ جا تمثيل رکيل آھي، سا اھڙي پڌري پٽ آھي، جيئن ھٿ جو ڪنگڻ، جنھن کي ڏسڻ لاءِ ڪنھن آئيني جي ضرورت ڪانہ ٿي

رهي، انهن ڪهاڻين ۾ تمثيلن کي ڳولڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانہ ٿي رهي، ڇاڪاڻ تہ ازخود اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون. نہ صرف ايترو پر ڪيترا ڀيرا شاهہ سائين پاڻ يا سُورمين جي واتان ڪهاڻيءَ جي رٿا ۾ اُنهن تمثيلن طرف اِشارو ڪري ٿو. مگر سُر مارئيءَ ۾ ائين بنهہ ڪانهي! سُر مارئي جي يارهن ئي داستانن ۾ ڪوبہ اهڙو بيت يا وائي وغيره درج ٿيل ڪانہ آهي، جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي تہ هن آکاڻيءَ ۾ پڻ شاهہ سائين ڪا تمثيل رکي آهي. مارئي جي وچايل سونهن، ٿر جا ڪُوهہ، ٿر جا مارُوئڙا جهانگيئڙا، ڏُت ڏونئرا، مجر ماڪيون، پيرُون پڪا، ماروئڙن جي غريبيءَ جي هلت چلت، ملير لاءِ مارئي جي محبت، عمر جون ڪيس انيڪ آڇون ۽ مارئي جا ڪيس منهن ٽوڙ جواب شاهہ سائين جا پنهنجي سُورمي کي دم دلاسا، مارئي جا قاصد کي نياپا سنيها ڏيڻ، انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ذڪر هن سُر ۾ ڪونہ ٿو اچي. عام طرح سان جا تمثيل مارئيءَ سان لڳائي ويندي آهي، سا بلڪل ميڄڻ جهڙي ئي نہ آهي، مارئيءَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ اُن جي مراد آهي انساني رُوح، جنهن کي خدا عالم ارواح ۾ رکيو هو پر پوءِ سندس حڪم موجب ڪيس آدم جو پوش پهرائي عرش کان فرش تي موڪليو، پوءِ ساڻس اها حالت ٿي، جيڪا مارئي سان عمر جي ڪوٽ ۾ ٿي! عرش (يعني عالم ارواح) ٿيو ملير جتي مارئي جنم ورتو ۽ جائي نپني ۽ آزاديءَ جي حياتي ڪاٽيائين، فرش ٿي هيءَ دنيا (عمرڪوٽ) ۽ عمر جو بندي خانو ٿيو جسم، جنهن ۾ رُوح رهي ٿو ۽ جيئن مارئي ملير وڃڻ لاءِ ماندي ۽ پريشان هُئي، تيئن انسان جو رُوح جو جسماني پڃري ۾ بند آهي ۽ اُتان عالم ارواح ڏانهن اُڏامڻ جا وجهہ پيو ڳولي، هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ رُوحن کي جسماني جامو پهرايو خدا، پر جيڪڏهن مارئيءَ روح

سان ۽ قيد جسم سان مشابهت رکي ٿو تہ، عمر! جو مارئيءَ جي رُوح کي زوري کڻي اچي بنديحاني ۾ قابو رکي ٿو شيطان ڪيئن ٿيو؟ عمر تہ نفس ٿي نٿو سگهي، جيڪڏهن عمرڪوٽ جو مطلب آهي جسم، چاڪاڻ جو رُوح کي جسم ۾ خدا پاڻ وِڌو ۽ نہ شيطان! اهو مطلب ڪيڏي سگهجي ٿو تہ رُوح کي نفس سان مشابهت هُئڻ ڪري، اهڙي تڪليف پهچي ٿي، جا مارئيءَ کي عمر جي ڪوٽ ۾ عمر سان مناسبت ڪري پهتي، پر عمر جيڪڏهن شيطان آهي تہ پوءِ شيطان کي ڪهڙي طاقت آهي، جو عالم ارواح ۾ پير پائي سگهي؟ عمر تہ ملير ۾ وچي پهتو هو. جيڪڏهن سُر مارئي ۾ ڪا تمثيل آهي تہ ڪهاڻيءَ جو هر هڪ واقعو ۽ هر هڪ اداڪار تمثيل جي واقعن سان ٺهڪي بيهڻ گهرجي. هن تمثيل جي قبول ڪرڻ ۾ هڪ ٻيو بہ مونجهارو آهي، ڪائنات جي اِتهاس پٽاندڙ عالم ارواح مان رُوحن کي سڌو هن دنيا ۾ ڪونہ موڪليو ويو. تنهن جو مطلب تہ عالم ارواح آهي، ملير تہ عمر جو ڪوٽ ٿيڻ گهرجي بهشت. پرائين بہ ٿي نٿو سگهي، عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي قيدي مثل هُئي، پر بهشت ۾ انسان کي هر ڪا آزادي آهي. چيو وڃي ٿو تہ، جڏهن آدم بهشت ۾ آيو تہ سندس ستر مان حوا پيدا ٿي ۽ اُتي شيطان اچي ڪانئس خطا ڪرائي ۽ خدا مٿس ڪاوڙيو ۽ آدم ۽ حوا کي بهشت مان تڙي هن دنيا ۾ ڦِٽو ڪيو. شاهہ سائينءَ پنهنجي تمثيل ۾ بهشت وغيره جو ڪو بيان نہ ڪيو آهي، جيتوڻيڪ سُر مارئيءَ ۾ جيڪڏهن پوري تمثيل رکڻي هُئس تہ اُن جو ذڪر ڪرڻ گهربو هوس، سوال ٿو اُٿي تہ آدم ۽ حوا تہ شيطان جي ڄار ۾ ڦاسي بهشت مان تڙجي هِن دنيا ۾ آيا، ليڪن مسڪين ٿر ڄائي مارئيءَ ڪهڙو گناهہ ڪيو هو. عمر ڪيس ملير مان کڻي اچي عمر ڪوٽ ۾ قيد

ڪيو مارئيءَ تہ معصوم غريب ڳوٺاڻي هُئي، جيڪا پنهنجي ست تي قائم رهي، عمر ڪيس دڙڪا دهمان ڏئي مارڻ جو ٿو چويس تہ ڪيس جواب ۾ ٿي چويس تہ:

جي لُوڻ لِڱين لائين، چِيري چِيري چَم،
مُون ڪُر اَچي نَہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪَم،
جَان جَان دَعويٰ دَم، تَان تَان پِرت پَنهوار سِين!

آءٌ انهيءَ راءِ جو آهيان تہ مارئيءَ جي ڪهاڻي ۾ جا تمثيل مڙهيل آهي، سا دقيانوسي انڌي عقيدي ڪان سواءِ ڪجهہ ناهي، هن ۾ رُوحاني راز جي جيڪا ڳالهہ ڪئي وئي آهي، سا نِسورو ڪُوڙ ۽ دولاب آهي، نہ مارئي رُوح آهي، نہ عمر نفس آهي، نہ عمر ڪوٽ هي دنيا آهي، نہ وري انسان جو جسم عمر جو قيد آهي وغيره وغيره وارين ڳالهين تي زور ئي نہ ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اِهي ڳالهيون جُڙتو ۽ ڪوڪليون ٿيون لڳن. مارئي جي سيرت جي خصوصيت آهي سندس حُب الوطني ۽ پنهنجي وَر سان محبت مارئي جي پڪي پريم جو نفس شاهہ سائين ڪهڙو نہ دلفريب ۽ دلسوز چِٽيو آهي! مارُن جي جُدائي ڪيس بي چين بنائي ڇڏيو. سندن جُدائيءَ ۾ هن ڪان ڪاڌو پيتو ۽ هار سينگار وِسري ويو. پنهنجي مارُن لاءِ هُوءَ چوي ٿي تہ:

چرن چِڻڪَن چِت ۾، سَدا مَنجهہ سَوير!

شاهہ سائينءَ جي سُر مارئي مان ائين معلوم ٿو ٿئي جڻ هو ٿري ماڻهن جي دلين مان گهمي آيو هُجي، سُر مارئي ٿري ماروئڙن جي دردمند دلين جو آئينو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان ٿري ماروئڙن جي زندگي جو بلڪل عڪس نظر ايندو. جنهن سان ٿر ۽ ٿري ماروئڙن ڪي

سمجهي سگهجي ٿو. عمر بادشاهہ طرفان ڪيئي طريقا اختيار ڪيا ويا، ڪيئي لالچون ڏنيون ويون. پر مارئي جو هڪ ئي جواب هو تہ:

اِيءَ نَہ مَارُن رِيت، جِيئن سيڻ مَٽائِين سَون تي،
اَچي عُمر ڪوٽ ۾ ڳنديس ڳانہ ڪُرِيت،
پَکَن جِي پِريت، مَاڙِيَن سِين نَہ مَٽِيَان.

شاهہ سائين جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو دستاويز ۽ سنڌي تهذيب تمدن جو آئينو آهي، جنهن ۾ انساني اخلاق جي عروج جو جمال ۽ ڪمال نظر ايندو. حقيقت ۾ مارئي واري تمثيل تي ڌيان ئي ڌيڻ نہ گهرجي تہ بهتر ٿيندو. چاڪاڻ جو اها دل سان نہ ٿي لڳي ۽ نہ وري اها مارئي جي سيرت کي وڌيڪ اُجاگر ٿي بڻائي. مارئي جي ڪهاڻي خودبخود دل ۾ پڄائيندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ آهي. شاهہ سائين جي رسالي ۾ موجود هر سُر کي پنهنجي علحده اهميت ۽ الڳ افاديت آهي. اهڙيءَ ريت سُر مارئي جي بہ پنهنجي الڳ اهميت آهي. شاهہ سائين هن ڪهاڻيءَ ۾ مارئيءَ جي پيش ڪيل ڪردارن ۽ سندس فطرت جي تصوير نهايت مرغوب ۽ محفوظ ڪندڙ آهي. هن سُر جي پڙهڻ ڪان پوءِ هي ڳالهہ بخوبي محسوس پئي ٿئي تہ هن سُر ۾ شاهہ سائين اُنهن ڪردارن جي ذريعي فطرت سوچ ۽ جذبن جي ذريعي حُب الوطني، قوم سان محبت، ڏاڍ ۽ ظلم سان مقابلو ڪري ثابت قدم رهڻ، ڪنهن بہ لوڀ لالچ ۾ نہ اچڻ جهڙيون ڳالهيون ڏاڍي سٺي انداز ۾ سجهايون آهن. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

چُلي چَڏ مَ چِپرين، ڏُلي چَڏ مَ ڏيهہ،
پَسيو وَڻ وَطن جَا، وَڙڪيو اَچيو ويهہ،
سَجَڻ ۽ سَاٿيهہ، ڳنهن اَٽا سيءَ وِسري،
حَيف تِنين کي هوءِ، وَطن جِن وِساريو.

يا

هَٿين هَٿ ڪَڙول، هِينئَڙي پِيَم هُنجا،
سَانگي سَاريَم سُومرا، ڏَاتي پَاسي ڏَول،
ٻَاٻَاڻن سَندا ٻول، ڪيم نہ ڪوٽ ويهڻ جا.

يا

سِيلُ پَيَڻ جِي سُومرا، مُون کي مَت مَ آڇِج مِير!
تورين گهڻين ڏِينهڙين، وِينديس هُت هَمير،
مَيڻ مَنجهہ مَلِيرُ، گَنڍ مَٿاهُون نَہ ڪَڻان.

مارئي کي عمر بادشاهہ جي قيد ۾ بيقرار ۽ پريشان ڏسي، شاهہ سائينءَ دلاسو ڏيندي چوي ٿو تہ:

مَاندِي مَ ٿِي مَارئِي، تُنهِنجو اَللہ آهي،
سَوين حياتيءَ جا ڏُکڙا، هِڪ لَحظي ۾ لاهي،
اهڙو ئي اَللہ آهي، جو مَاڱ پُڄائيندئي مارئي!

شاهہ سائين، سُر مارئي ۾ پنهنجي رُوح جي ڪهاڻي، پنهنجي زباني قلمبند ڪئي آهي، جنهن ۾ ملڪ ۽ ملڪي ماروئڙن سان بي پناهہ محبت جي هن لازوال لوڪ داستان کي اَمر بنائي ڇڏيو آهي، نيٺ عمر بادشاهہ کي ڳوڻاٽي غريب ملير جائي مارئي اڳيان هار مڃڻي پئي، هڪ رُعبدار ۽ دٻدٻي واري حاڪم جا هيلا ناڪام ويا ۽ هن مارئي جي اعليٰ ڪردار کان متاثر ٿي، نہ صرف کيس آزاد ڪيو بلڪ پنهنجي ڀيڻ ڇئي پوتي پهرائي، پنهنجن ماروئڙن وٽ ملير ڇڏي آيو. ان دوران پنهنجي آزاديءَ جي ڳالهہ ٻڌي ڏاڍي خوشيءَ ۾ چيو تہ:

سُٺي سَاٿيهه ڳالهڙيِ، لَهي وِيا لوهه،
اَندر جَا اَندوهه، لَٿا ڏُک سُک ٿِيا!

مارئي جي سِرت جي ڪٿ تڏهن ڪري سگھبي، جڏهن هي ڳالهه ذهن ۾ رکجي ته، جيتوڻيڪ مارُن ڪيس آزاد ڪرائڻ جي ڪابه ڪوشش نه ورتي هُئي، هو غريب ماڻهو هُئا. مارئي ڪي سَهائي ويهي رهيا هُئا. پر مارئي مارُن ڪي نه وِساريو هو ۽ ڪيت جي سَت ۾ رهي ۽ عمر جي آڻ نه مڃيائين. ان واقعي جو شاهه سائين پنهنجي سُورميءَ ڪان اِجھو هن طرح ٿو چورائي ته:

جي ڪو لَڏائون ته بَنديءَ بَند نَه سَاريو،
مَاروئڙن آءٌ، جيڪس وِيَس وِسري!

مارئي جون هينيون سِٽون ڪھڙيون نه دلسوز آهن. ويچاريءَ دل چيري دانهن ڪري چوي ٿي ته:

لَنگڙيا ري لُوءَ ۾، جِنين لاءِ ٿِياس،
تِنين تِر جيترو، پَلڪ نه پُڇياس،
مَارُن منجھه مُياس، نه ته مَاڙين مَاريَس ڪِينَڪي!

شاهه سائينءَ جو سُر مارئي حُب الوطنيءَ جو زنده مثال آهي، جيڪي ماڻهو هن آکاڻيءَ ۾ رُوحاني راز جون ڳالهيون چون ٿا، سي شاهه سائينءَ جي عظمت کي دانسته يا نادانسته طور گھٽائڻ جي ڪوشش ۾ آهن. سي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب تمدن جا سڄڻ ناهن. شاهه سائين ڪا شل ڪين ساڃاهه ڏئي ته سمجھن ته:

پنهنجي وڏئي جو ويج نه طبيب!

✦

# سُر سورٺ

ڳتي سِر ڳتارسِين، نهرايائين ۾ ٿال،
سورٺ سَرتين کي چَوي، مُنيس مَڱڻهار،
کيو ڦهر ڦهار، جنهن رَاٽيون سڀ رُئاڙِيون!

سُر سورٺ ۾ مکيه ادا ڪار ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن، پوءِ به سُر کي سڏيائين **’سورٺ‘** جي نالي سان، سورٺ جي ڪهاڻي به سهڻي ۽ سسئيءَ جيان ڏکدائڪ آهي، جيڪا ويچاري سُهاڳ جي صدقي هستي ٿي، راءِ ڏياچ سندس غير حاضريءَ ۾ ٻيجل کي سِر ڏيڻ جو انجام ڏئي ويٺو هاڻي سورٺ ڇا ڪري؟ پنهنجي سُک کي ڳڙهي يا وَر جي وچن جو خيال رکي، هُوءَ ٻن باهين جي وچ ۾ هُئي، جنڊ ڪٽي ته جنڊ ڳورو پُڙ ڪٽي ته پُڙ ڳورو، خود انڪاريءَ جو جُزو شاهه سائينءَ جي ٻين سُورمين ۾ به آهي، ڏک درد سهڻ ته سُورمين ۽ سُورمن جو ورثو آهي، مگر جيڪو سورٺ سَنو، سو ڪنهن ڪونه سَنو هو راجا راءِ ڏياچ جي راڻي هُئي، جنهن کي مايون، دايون ٻايون گهٽيئي هُيون، راجا وٽ مال متاع جي ڪمي هُئي ڪانه، پلنگ پٽراڻيون، پالڪيون، نو لک ناڻي نيل، هن وٽ محل، ماڙيون، مندر وغيره موجود هُئا، هن راجا جهڙو ڏاتار ٻيو ڪونه ٿيو حاتم طائي به سخاوت ۾ هن کان سرس ڪين هو سوين سوالي آيا، خالي ڪويه نه ويو هن سخي جو هٿ ڪڏهن به خالي نه هو راجا گوڏا تار هو پر راجا جي جسم ۾ فقيري رُوح موجود هو جهڙي تهڙي ساڌوءَ جي ور چڙهڻ وارو ڪين هو پر رَندن ۽ عارفن جو ڳولائو هو ائين ڪٽي چئجي ته پنهنجي جياپي ۾ راز رُوحاني جو طالب هو اهڙا سائين

لوڪ راجا دنيا ۾ رهي ڪري دنيا کان دور ٿا رهن، محلن ۾ رهندي به دل جي ڪٽيا ۾ ٿا گهارين. هن سان پاڙي جي راجا انيراءِ جي اٽبٽت هُئي، هو راجا راءِ ڏياچ سان پڄي ڪونه سگهيو سو خيال ڪيائين ته راءِ ڏياچ کان سندس سخا جي وسيلي وير وٺان، سو ائين ڪيائين. جو سونين مهرن جو ٿالهه پري ڪنهن نوڪر کي ڏنائين ته هي ٿالهه چارڻ جي ڳوٺ ۾ گهمائي ته، جيڪو به جيڪو راجا راءِ ڏياچ جو سِر وڍي آڻي ڏيندو، تنهن کي سونين مهرن جو ٿالهه ملندو. سو ٻيجل اهو ذمو کڻي سونين مهرن جو ٿالهه پاڻ وٽ رکيائين ۽ سُرندو ساز کڻي پنڌ ڪري اچي، راءِ ڏياچ جي محلات هيٺان راڳ شروع ڪيائين. راجا راءِ ڏياچ کي هن جو راڳ ڏاڍو وڻيو. سندس دل موهجي وئي ۽ هن ٻيجل کي سون، هيرا، جواهر، قيمتي گهوڙا، هاٿي انعام ۾ ڏيڻا ڪيا. پر هن وٺڻ کان انڪار ڪيو. جهونا ڳڙهه جي شهر ۾ اها ڳالهه هلي وئي ته شهر ۾ هڪ عجيب قسم جو جوڳي آيو آهي، جيڪو ڏاڍو سُريلو ٿو ڳائي، ويس جوڳين وارو اٿس، شڪل شباهت شاهاڻي اٿس. ڏاڍو سهڻو سبيتو وٽندڙ جوان آهي، هڪ ساز هٿ ۾ اٿس، جنهن کي چنگ ٿا چون، جنهن کي ڏاڍا جُهوڙا ۽ جهاڳا ٻڌل آهن. ساز ڏاڍو سينگاريل آهي، هن جوڳيءَ جي چنگ ۾ ڪو راڳ جو راز رکيل هو، هر هڪ جي وات ۾ اها وائي هُئي ته هي ڪو راز وارو ساز آهي، جنهن مان اهڙو آواز ٿي نڪتو، جو جهنگل جا جانور به شوخي ڇڏي رهاڻيون رنگ ڪندا هُئا، ٻيجل جي راڳ جهنگ جي جانورن تي به جادوءَ وارو اثر ٿي ڪيو سو راءِ ڏياچ تي ته گهڻو اثر ڪيو. جيڪو ٻيجل جي راڳ تي موهجي پيو. جنهن جي منظر نگاري شاهه سائين هن طرح پيش ڪئي آهي ته:

ڪي جو ٻِيجل ٻوليو، پِنيءَ ويهِي ڀَان،

گهوريان لَک لَطِيف چَئي، تَنهن جي قَدمن تَان قُربان!

آهستي آهستي ڳائيندو، وڄائيندو چارڻ محلات جي ڏيڍيءَ ۾ گهڙيو، راجا مٿي ماڙيءَ تي هو، جا جڪ هٿ هلايو ۽ سُرندي جو آواز مٿي وينل راجا جي ڪَن تي پيو، اهڙو ڪو مڌر آواز 'سالڪ ساز سُرور سين، ڪي جو ڳمايو،' جو سُڻي رُون رُون راز اُٿي ڪڙو ٿيو، گهوٽ راجا جي رُوح تي انهي سُر اهڙو تہ اثر ڪيو، جو راجا ڇرڪ ڀري اُٿيو ۽ هيٺ نهاريائين تہ هڪ سهڻو عطائي هيٺ زمين تي ويٺو ڳائي وڄائي، راجا هڪدم سڏ ڪري چيس تہ هليو آ مٿي يار! تڏهن جاجڪ چيس تہ اُونچو تون عرش تي، آءُ پورو مٿي پونءِ، تڏهن راجا چيس تہ آءُ مٿاهون مڱڻا، چڙهي ۾ چوڏول. راجا حُڪم ڪيو تہ هن مڱڻي، جنهن مُنهنجيءَ دل ۾ دردن جا درياهہ وَهائي ڇڏيا آهن، تنهن ڪي منهنجي رنگ محل جي اندر مُون وٽ وٺي اچو! حُڪم جا بندا هيٺ لهي آيا ۽ بيجل کي مٿي هلڻ لاءِ چيائون. شاهہ سائين انهيءَ ڳالهہ جي منظر نگاري هن طرح ڪئي آهي تہ:

آءُ مَٿاهُون مَڱڻا، چَڙهي دَر ڏَاتَار،
توکي گهوٽ گُهرايو، خُلوت لاءِ کَنگَهار!

اتي رنگ محل ۾ راجا وٽ ٻئي ڪنهن کي اجازت ڪانہ هُئي، بس اڪيلو بيجل رنگ محل ۾ راجا سان وڃي مُلاقي ٿيو، شايد راجا جي مغز جي تاڙي لکي پئي ۽ اڳئين جنم جي ناتي جو روشن نشان ٿيس، سو بيجل کي گُهرائي پاڻ سان گڏ وِهاريائين ۽ چيائينس، اي چارڻ! اهڙو بِرهہ جو آواز ڪٿان ٿو ڪڍين، جو اسان جون دليون لُٽيو ٿو وڃين؟ اڙي مڱڻهار! تُون ڀلي آئين، جيءُ آئين، اي چارڻ! تون مون کي ٻڌائي تہ سهي تہ تنهنجي چنگ ۾ آهي ڇا، جنهن منهنجو من

اُتاري ڦِٽو ڪيو آهي؟ اهڙي ريت راجا ڳائڻي سان ڪچهري شروع ڪئي، ڳائڻو بہ ڪو وڏو اسراري هو. تنهن راجا کي چيو تہ اي راجا! مون تہ تو کي فقط هڪ سُر ٻڌايو آهي، اجا تہ منهنجي سُر آلاپ ۾ ڪئي رِهاڻيون آهن. آءٌ تو کي اهو اسراري آلاپ تہ ٻڌايان، پر ٻڌاءِ تہ مون کي ڏيندين ڇا؟ راجا تہ وڏو سخي هو. تنهن ٻيجل کي چيو. راجا جي زباني شاهہ سائين هن طرح پيش ڪئي آهي تہ:

مُون وَٽ مَال مَتاع جِي، ڪَمِي ڪونهي،
تو دَس ڏِيان مَڱڻا، رُوح رَچندا دَانُ.

راجا ٻيجل کي انعام ڏيڻ جو حُڪم ڪيو. راجا جي زباني شاهہ سائين هن طرح بيان ڪئي آهي تہ:

تَازي ڏِيوس تَڪڙا، جوهر پَائي زين،
پَلنگ پَٽراڻِيون، پَالڪيون، نَوَ لَک نَاٽي نيل.

راجا جي حُڪم سان خزانن جا در کُلي ويا. سونن سَنجن سان گهوڙا اچي ويا. پر راجا وٽ پنهنجي چڙهيءَ جو سهڻو هاٿي هو سو بہ ڪاهي آيا. راجا راڳيءَ کي چيو تہ. جيڪي وڻئي سو ڪڻ. تڏهن ٻيجل راءِ ڏياچ کي چيو. سُڻ ڙي راءِ ڏياچ! تو ڀانئيو تہ آءٌ ڪو پينو آهيان. جو ناٽي لاءِ ٿو تند هڻان! ٻيجل جي زباني شاهہ سائين هن طرح بيان ڪئي آهي تہ:

پَائي پَٽ ڪَٽا، مُون تَان مَدد نَہ مَڱِيَا،
تَازي طَنبيلَن ۾، گهوڙا گهر گَهڻا،
هَاٿِي ڪَارڻ هيڪڙي، آءٌ ڪَا تَند هَڻان!

ٻيجل کي ڪيترائي قيمتي انعام آڇيا ويا. پر هُو راضي نٿي ٿيو. راجا راءِ ڏياچ بہ مُنجهي پيو تہ منگتو وڏن وڏن انعامن تي بہ راضي

نٿو ٿئي، آخر ڪيس ڇا گُهرجي، جيڪو ڪيس ڏئي راضي ڪجي؟ هٿين خالي ڪيس موٽائڻو بہ ڪونهي، سو ڪيس چيائين تہ، ٻيجل ٻڌاءِ تہ توکي ڪهڙو انعام گهرجي، جو تون راضي ٿي وڃين، سو دل کولي ٻڌاءِ؟ مڱڻي چيس، راجا! ڪن ڏينم تہ ٻڌايائين! راجا ڪنڌ ڦيري ڪيس طرف ڪيو، مڱڻهار آهستي سرباڻ ڪري ڳُجهہ چيس، راجا ڪِلي ڪنڌ ڏوڻي اِشاري ۾ هائوڪار ڪئي، راجا وٽ اُن وقت دربار بہ اچي لڳي هُئي، پردي اندر امير، وزير، وڏا وڏا عاقل، داناءَ، راڻيون، مايون، ٻانهيون، سڀ جا سڀ موجود هُئا، تن پئي هي رنگ ڏٺو تہ هي ڪهڙو مڱڻو آيو آهي! سي مُنجهي پيا تہ ٻيجل، راءِ ڏياچ سان ڪهڙيون ڳالهيون راز جون ڪيون آهن، اِها خبر هُئي ٻيجل کي ٻي راءِ ڏياچ کي، پوءِ راءِ ڏياچ خوش ٿيندي ٻيجل کي چيو تہ، تُنهنجو قدم پدم نہ پاڙيان، هاڻ پل صنعا کُليو چئو تہ سڄي دربار ٻُڌي تہ توکي ڪپي ڇا؟ تڏهن ٻيجل واتان شاهہ سائين هن طرح چورايو آهي تہ:

جي وهاڻيءَ ويرم ٿِئي، تہ مرن هينئر ئي هلاءِ،
سُونهارا سورٺ وَر، ڳالهہ هِينئين سِين لاءِ،
سو مڱڻهار ملهاءِ، جو وِڇان ويرين آيو!

ٻيجل، راءِ ڏياچ کي چيو تہ، ٻيا بہ سخي راجا گهڻا آهن، آءُ اُنهن وٽ ڪونہ ويس، تُنهنجي مون کي خبر هُئي تہ تون اهڙو سخي آهين، جو ڪڏهن بہ نہ ڪين ڪندو آهين:

تو دَر آيَس، جِيئَن تُون نَانهن نَہ سِکيو!

ٻيجل جا اِهي لفظ ٻُڌي، سورٺ راڻي وائڙي ٿي وئي، امير، وزير سڀ سمجهي ويا، سورٺ راڻيءَ ٻيجل کي چوڻ لڳي تہ، اي ٻيجل! مُنهنجي وَر جو سِر ڪيئن ٿو ڪٽين! ٻيلي! ٻيو جيڪي ڪپئي سو ڪڻ، پر

سُهاڳڻ کي ڏُهاڳڻ ڪيئن ٿو ڪرين؟ پر ٻيجل چيو ته، آءٌ ونندس ته سِر، نه ته ٻيو ڪُجهه به ڪين وٺندس، ۽ سِر ڪان سواءِ موٽندس به ڪين! هوڏانهن سورٺ ٻين راڻين اميرن وزيرن جو درد مند حال، ته هوڏانهن راءِ ڏياچ ته ڪنهن ٻئي حال ۾ داخل هو. جنهن جي دل ۾ ذري برابر به ڪو ڊپ ڊاءُ ڪونه هو. ٻيجل کي چيائين ته، اي ٻيجل! تون هڪڙو سِر ٿو گُهرين، جي مُون وٽ گهڻا سِر هُجن ته سيئي تُنهنجي حوالي ڪريان، راءِ ڏياچ ڪان مرشد لطيف هن طرح ٿو چوائي ته:

مَٿي اُتي مُنهنجي، جي ڪوڙين هُون ڪپار،
ته وَاريو وَڍيان، سِسيءَ ڪي سو وَار!

اي منهنجا پيارا دوست ٻيجل! هي سِر آهي ڪهڙي شيءِ، جو آءٌ تو کي ڏيڻ ڪان انڪار ڪريان؟ هِن مُنهنجي سِر ۾ هڏي ۽ چم ڪان سواءِ ٻيو ته ڪجهه ناهي، انهيءَ جي ڏيڻ ۾ ڪا وڏي قرباني ڪانه آهي، مون کي ته تو کي هڏو ۽ چم ڏيندي شرم ٿو ٿئي، شاهه سائين راءِ ڏياچ ڪان ٻيجل کي هن طرح چورايو آهي ته:

جو هِي هَڏ وچ ۾، ته لاهي هُوند ڏِيانءِ،
پر ڏِڙ مَٿي سِر هيڪڙو، جو ڏيندي لَڄ مَران.

يا

تَند بَرابَر توريان، سو سِرن پَائي،
ته اُتل اوڏانهن ٿِئي، جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي،
هِي سَڪڻو هَڏ آهي، سِر ۾ سجڻ ناهه ڪي!

يا

جَنهن ۾ مَال نَه مِريءَ جيترو، تَنهن ٿُون طَمعدَار،
جي اَچيئي ڪَم ڪپار، ته وِيهه پيرا وڍي ڏِيانءِ!

ٻيجل اهڙي وڏيءَ دل ۽ بي خوديءَ واري راجا جو حال ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس تہ اي راجا راءِ ڏياچ! جي تنهنجي اها حالت آهي تہ راڳ جي راز پيش ڪرڻ لاءِ آءٌ بہ تيار آهيان. بس اِئين چئي هُن واڄو هٿ ۾ کنيو جو واڄو برهہ جو ڪينرو هو جو ٻيجل جي زوردار هٿ لڳڻ سان ڪينرو جڻ ڪنجهڻ لڳو هو شاهہ سائين هن منظر کي هن طرح پيش ڪيو آهي، فرمايو اٿس تہ:

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، وڄو وائتي،
هنيائين تند حضور ۾، پارس پيرائتي،
سُڻندي سُلطان کي، ظاهر ٿيو ذاتي.

تند ٻُڌڻ سان سلطان مطلق هستيءَ جي راز کان ٿيو واقف پوءِ چيا ڪيائين جو:

ڳينديِ ڳاتي، وِڏائين ڳرٿ ڳپار ۾!

پوءِ ٿيو ائين، جو راءِ ڏياج جو ڏِڙ ڏُبي پيو ڪٽ تي، مٿو پيو پَٽ، شاهہ سائين هن حقيقت جو منظر هن طرح پيش ڪيو آهي تہ:

ٻَائُون ڏَائُون ٻَانهيُون، پِٽيو ڳَيڻَ پَار
پَئي رَهيا پَٽ ۾، سَورٺ جَا سِينگَار
رَاٽين ۾ رَاڙو ٿِيو، پِٽن پَٽِي پَچَار
هَهڙا رَاءِ ڪَنگَهار، ڪِينَ ٿِيندا ڳَڏهين!

گرنار جي چمن مان گِرناري گُل جي ڇِڄي وڃڻ جي منظرنگاري شاهہ سائينءَ هن طرح سان ڪئي آهي تہ:

گُل ڇِنُو گِرنار جو، پِٽڻ ٿِيون پِٽِين،
سَهسين سورٺ جهڙيون، اُپيون اوسارين،
ٻُوڙها ٻُل ٻَاڙِين، رَاجا رَات رَم گيو!

ٻيجل جڏهن راءِ ڏياچ جو سِر ڪٽي، راجا انيراءِ وٽ آيو تہ راءِ ڏياچ جو سِر ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو تہ، اهڙو سخي، جنهن پنهنجو سِر وڏي سواليءَ کي ڏنو آهي، ڪيس ڏاڍو اَرمان ٿيو ۽ ٻيجل کي ڏاڍو ڳالهايائين، ۽ ڪيس چيائين تہ، تو اهڙي سخيءَ جو سِر ورتو آهي، تو مان اسان کي بہ خطرو آهي، سو ڪيس ٻارن ٻچن سميت ملڪ نيڪالي ڏنائين، ۽ ٻيجل گرنار لڏو ڪٽي آيو. ڏنائين تہ باهہ جو وڏو مچ متو پيو آهي، جتي راءِ ڏياچ جي خاڪي جسم کي ساڙيو پيو وڃي، جنهن ۾ سورٺ بہ ٽپو ڏنو. ٻيجل بہ ارمان مان ٽپو ڏنو. سندس زال بہ مُرس سان گڏ باهہ ۾ ٽپو ڏنو ۽ سيئي راءِ ڏياچ سان گڏ سڙي رک ٿي ويا. شاهہ سائين سيني سُورمين جي دانهن جو دردناڪ نقش چِٽيو آهي، ليڪن سورٺ پيري ماٺ ٿو ڏسجي، مُڙس کي هٿن سان پنهنجو سِر ڪٽيندو ڏسي، زال جي دل ۾ ڪهڙي نہ آنڌ مانڌ ٿي هُوندي! راءِ ڏياچ جو بہ ڪمال چئبو جو راڳ جي رَس تي سِر وڏي ڏنائين، پر جس سورٺ کي بہ آهي، جنهن پنهنجي اکين سان اهو هولناڪ واقعو ڏنو ۽ سَنو. ويچاريءَ ٻيوسيءَ جي حالت ۾ دل دهلائيندڙ ورلاپ ڪيا هُوندا. شاهہ سائين سورٺ جي دلي اُمنگن جو اظهار ڪري ها تہ سُر سورٺ وڌيڪ پرڪشش ٿئي ها. سُر سورٺ جو داستان عجيب عِبارت سان پريل آهي، پر سورٺ جي سيرت تي الائي ڇو پردو ڪيل آهي؟ شاهہ سائين جي من موهيندڙ لفظن ۾ سورٺ جي دلي سوز جو اظهار هن دردناڪ داستان کي ڏاڍو مؤثر ۽ مڪمل ڪري ها. هڪ نقطي نگاهہ ڪان ڪن پڙهندڙن وري سورٺ سان بيحد بي انصافي ڪئي آهي، جو سورٺ جي معنيٰ هرو ڀرو نفس ڪئي اٿن. آءٌ ٿو پُڇان تہ سورٺ نفس ڪيئن ٿي؟ هن ويچاريءَ راءِ ڏياچ جي اِرادي آڏو ڪيئن آئي، هُن راءِ ڏياچ لاءِ

کهڙي شيطاني چار پکيڙي هُئي، سندس مڙس راءِ ڏياچ، ٻيجل سان جيڪو سِر ڏيڻ جو وچن ڪيو هو، انهيءَ کان ٻه ڪيس ڪونه روڪيائين، اُلٽو جڏهن راءِ ڏياچ پنهنجو سِر وڍي ٻيجل کي ڏنو تڏهن پاڻ ٻه سندس پٺيان جيئري جلي خاڪ ٿي، جي نفس هُئي ته پاڻ کي جيئري جلائڻ جو ڪهڙو ضرور هوس؟ ڪنهن ائين ڪرڻ لاءِ زور ته ڪونه ڪيو هو، سورٺ سچي راجپوت زال ثابت ٿي، جيڪا مڙس سان گڏ چِکيا چڙهي، سورٺ جي قرباني نظر انداز ڪري ڪيس نفس سان مشابهت ڏيڻ وڏي ادبي غلطي ڪيل آهي. شاهه سائينءَ جي سُورمي سورٺ جيڪڏهن اهڙي نيچ ڪردار هُئي، ته پوءِ آڪاٽيءَ کي سندس نالي سان سڏي پاڻ ڪيس اهڙي مشهوري ڪيئن ڏنائين؟ جن سورٺ کي نفس سان مشابهت ڏني آهي، تن وري ٻيجل جي مراد مرشد ڪئي آهي، ڪهڙيون نه هٿ ٺوڪيون معنائون ڪڍي گند ڪيو ويو آهي، جو ٻيجل کي مرشد بنايو ويو آهي، ٻيجل ته پئسن جي لالچ ۾ اچي راءِ ڏياچ جهڙي سخيءَ کان سِر جي طلب ڪئي، ڪوبه لالچي مرشد ٿي نٿو سگهي، ٻيجل جي زال هيرن جو ٿالهه وٺي رکيو هو سو ٻيجل کي راءِ ڏياچ جو سِر ضرور وٺڻو هو جي نه ته راجا انيراءَ ٻيجل جو سِر ڪپرائي ها، پاڻ کي بچائڻ لاءِ هن راءِ ڏياچ جو سِر طلبيو. آڪاٽيءَ جي آخر ۾ چاٽايل آهي ته ٻيجل راءِ ڏياچ جو سِر وٺي، راجا انيراءِ وٽ آيو ته راءِ ڏياچ جو سِر ڏسي، راجا انيراءِ حيرت ۾ اچي ويو ته ههڙو سخي، جنهن سِر جي سخاوت ڪئي، ٻيجل تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڪيس ملڪ نيڪالي ڏنائين ۽ واپس گرنار راءِ ڏياچ جي شهر آيو ۽ سورٺ کي چکيا تي سڙندو ڏسي پاڻ هوش وڃائي ويٺو ۽ پڇتاءُ جو اظهار ڪري پاڻ کي ٻه ڪٽي اُن چِکيا تي اُڇلايائين ۽ سڙي خاڪ ٿي ويو. ٻيجل آخر ۾ پڇتايو

تہ راءِ ڏياچ جو سِر وني، سورٺ کي ڏُھاڳ ڏئي، هُن بُرو ڪم ڪيو هو اِنهن نُڪتن تي سوچڻ ويچارڻ کان پوءِ بہ ٻيجل کي مرشد چئي سڄي آکاڻيءَ کي تمثيلي رنگ ڏيڻ بلڪل ٺيڪ ناهي، ٻيجل تمام صنعف سيرت وارو اداڪار آهي، هن ڳالهہ کي وسارڻ نہ گھرجي تہ ٻيجل کي جنهن ڳالهہ چوٽ رسائي چريو ڪيو، سا هُئي سورٺ جو جيئرو پاڻ جلائڻ، جيڪڏهن سورٺ نفس هُئي تہ هُن جي جيئري سڙڻ تي ٻيجل گھڻو خوش ٿئي ها، شاهہ سائينءَ جي نظم ۾ ڪٿي بہ اهڙو اِشارو نٿو مِلي، جنهن مان سورٺ لاءِ گُمان آڻجي تہ هُوءَ نفس هُئي، باقي رهيو هي سوال تہ جي سورٺ نفس نہ آهي تہ شاهہ سائين سندس سيرت کي پنهنجي نظم ۾ گھڻو اُجاگر ڇو نہ ڪيو؟ انهيءَ لاءِ هي خيال سامهون اچي ٿو تہ، شاهہ سائين جي زندگيءَ مان پڌرو آهي تہ ڪيس سُرود سماع جو بيحد شوق هو ۽ جن حالتن هيٺ وفات ڪيائين، سي پڻ ڏيکارين ٿيون ۽ راڳ شاهہ سائينءَ جي جان جو جياپو ۽ رُوح لاءِ راحت هو پاڻ جڏهن هندوستان طرف سفر تي ويا هوندا تہ اُتي ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي آکاڻي ٻُڌي هُوندي، تڏهن سندس دل ۾ جذبو جاڳيو هُوندو تہ راءِ ڏياچ جي دل جو نقش پنهنجي شعر ۾ چِٽيان، جو اُن جهڙو مثال پوري دنيا ۾ اڻلڀ آهي، هيءَ هڪ سچي تاريخي حقيقت، شاهہ سائينءَ کي مِلي. سُر سورٺ ۾ هڪ راڳ جي عاشق، ٻئي راڳ جي عاشق جي تصوير ڪڍي پيش ڪئي آهي، سماع شاهہ سائينءَ کي ڏاڍو پيارو هو هن آکاڻيءَ ۾ جڻ ڪيس وجهہ مليو هو تہ سماع جي رُوحاني طاقت جو بيان ڪري. شاهہ سائينءَ جو سُر سورٺ سماع اڳيان پيٽا آهي، هن آکاڻيءَ تي ڪنهن تمثيل جي انومان ڪرڻ جو ضرور ڪونہ آهي، هتي شاهہ سائينءَ راڳ جي رُوحاني برڪت جو بيان ڪيو آهي، سُر سورٺ اُن

شاعر جو لکيل آهي، جنهن جي رُوحاني غذا راڳ هو يعني راءِ ڏياچ جي قرباني، شاهه سائينءَ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو سسئي بہ سِر ڏنو سهڻي جي قرباني لاثاني آهي، پر راڳ لاءِ پنهنجن هٿن سان پنهنجو ڪنڌ ڪپي ڏيڻ تہ رُڳو راءِ ڏياچ جو ڪم هو. راءِ ڏياچ جو محبوب هو سازءِ سماع، شاهه سائينءَ کي هن آکاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو مرد اداڪار هٿ اچي ويو هو. جو هر طرح سان سُورمو سڏجڻ جي لائق هو. ائين ٿو سمجهجي تہ راءِ ڏياچ جي قربانيءَ جو بيان ڪندي شاهه سائين، سورٺ تي توجهہ نہ ڪيو. شايد ان خيال کان تہ سورٺ جي سُورن جو بيان راءِ ڏياچ جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيندو. ان ڪري راءِ ڏياچ کي اهميت وڏيڪ ڏنائين، راڳ تي پنهنجو سِر پنهنجن هٿن سان گهوري ڏنو.

ساڳي وقت سيل ستيا جي مورت، سورٺ جي قربانيءَ جي قدر داني ڪندي پنهنجي نظم جو نالو ئي رکيائين **سُر سورٺ**

✦